# مَٽيءَ جا سُر

عبدالغفار تبسم



Scanned with CamScanner

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌي ڪتابي سلسلي جو ائون ڪتاب

# مٽيءَ جا مُڻ

(شاعري)

◎

## عبدالغفار "تبسم"

◎

سنڌي ڪتابي سلسلو رتوديرو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

شاعر/ اداري وٽ ڇپائيءَ جا اختيار محفوظ


| | |
|---|---|
| ڪتاب : | مٽيءَ جا سُر |
| مضمون : | شاعري |
| ذات ذٽي : | عبدالغفار "تبسم" |
| ٽائيٽل : | خدابخش ابڙو |
| ڇپائيندڙ: | سنڌڙي ڪتابي سلسلو رتوديرو |
| ڪمپوزنگ: | ڪامران شيخ - يونيورسل بزنس مشينس |
| | علي پائي سينٽر ايم ٣- شاهراهِ قائدين ڪراچي. |
| ڇپيندڙ: | اي اينڊ ايس پرنٽرز - ناظم آباد، ڪراچي . |
| ڇاپو: | پهريون |
| ڳاڻيٽو: | هڪ هزار |
| سال: | جنوري ١٩٩١ع |
| ملهه : | ٤٠ رپيا |

"MITI JA SUR"

POET : ABDUL GHAFFAR "TABASUIM"

PUBLISHER : SINDHARI KITABI SISALO,RATODERO

PRINTER: A & S PRINTERS. KARACHI.

PRICE: Rs: 40/= Per Copy

Published on : Jan 1991


sooriinsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

# ارپنا

پنهنجي عزيزن،

## عزيز پٽيءَ جي نانءِ

مان ڄاڻان ٿو ته هو سنڌي ۾ سچي ليکڪ هوندي به ليکڪن جي هيڏي وڏي فهرست ۾ دُرج ٿيل ناهي تنهن لاءِ سنڌس ذاتِ نه پر ذات ڏوهي هئي.
سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ جي نوڪريءَ يا سندس ذاتي ادبي ذوق جي حوالي سان هن، سرواڻ ساهتڪارن جيئن محترم ابراهيم جويو، شيخ اياز، آغا سليم، امرجليل، امدادحسيني، ڊاڪٽرنجم عباسي، طارق اشرف ۽ ٻين سان سالن جا سال اٿي ويهي ڪئي پر ڪين اها ڄاڻ پيڇاڙيءَ تائين نه رهي ته عزيز به ڪو سچ پچ وڏو ساهتڪار آهي ۽ مون ڪي پڻ سندس ئي لاتَ مان واتَ ملي.

Scanned with CamScanner

# ترتيب


○ پنهنجي پاران :- ادارو ------------- 5
○ منهنجو سڏ ورنائي ڪو (مهاڳ) استاد بخاري ---- 9
○ ڪتي ڪتيان ڪيترو: عبدالغفار "تبسم" ---- 16
○ آزاد نظم ------------------------------ 19
○ چوسٽا ۽ ٽه سٽا ------------------------ 53
○ غزل ---------------------------------- 63
○ وايون، گيت ۽ نظم --------------------- 99
○ خوشي ۽ خوشبو: (پس لفظ) سرڪش سنڌي ---- 162


soorihsindhiadab

Scanned with CamScanner

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پنھنجي پاران ......

پيار جي نانءُ تي دوکو مليو آهي مون کي،
منهنجي اعتبار کي ماڻهو بي اعتبار مليا (تبسم)

اسان جي ڌرتي سدائي سورن ماري ڏيهہ ڏهاڳڻ ۽ دردن دکايل رهي آهي شايد سندس ڀاڳ ۾ ڪو سَنرو ڏينهن لکيل ئي ڪونهي. پراوا تہ ٺيا پراوا، پر پنهنجن بہ پراون سان گڏجي، ڪين گهٽايو آهي.

سچ سوچيندو!
هن بستيءَ تي منهنجو،
چمڪڻ، مور نہ ٿيندو.
جو جو هن بستيءَ جا واسي،
اوندهہ جا پوڄاري آهن،
اوندهہ سان آ،
پيار انهن جو ۽ ڪرڻ سان،
تڪرار اُنهن جو
هي سوچي پوءِ سچ ويندو آ
ڌرتيءَ جي سيني ۾ پيهي .

تاريخ جي سيني تي هاريل، رت جي رنگ سان سرجيل ۽ سنواريل تصويرون انساني تباهيءَ سان گڏ سچ جي امرتا جي پڪ بہ ڏيارين ٿيون. ويتنام ۽ لبنان جون مائرون جڏهن پنهنجن ٻارڙن کي گولين جون لوليون ڏينديون آهن، يا وري فلسطين جا نوجوان جڏهن پنهنجون جهوليون پٿرن سان ڀريل اسرائيلي فوج تي پٿراءُ ڪندي گولي جو نشانو بڻجي پنهنجي رت ۾ ڪرڙيون هڻي ڌرتيءَ ماءُ جي جهوليءَ ۾ هميشہ لاءِ جي گهري ننڊ ڪري ويندا آهن تڏهن تاريخ تعجب ۽ شرمساريءَ جي لڄاري مرڪ مرڪي چوندي آهي تہ:



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

تبسم سان نئون ديري ۾ رچايل رهاڻ ۾ هڪ دفعي اسان جي نوجوان شاعر ۽ اديب ڀاءُ مختار گهمري، تبسم جي فن ۽ شخصيت جي حوالي سان پڙهيل مقالي ۾ تبسم جو توجهه قومي شاعري طرف ڇڪائيندي هيئن لکيو هو. ”هڪ وينتي ڪندي ڀاءُ تبسم کي چوندس ته پيار ۽ محبت فطري جذبا آهن، جن کان ڪڏهن به فرار حاصل نٿو ڪري سگهجي پر جڏهن سنڌ اتوپيا هجي ۽ هر طرف سڏڪا ۽ آهون پيون ٻڌڻ ۾ اچن اتي دردوندن جي آهن ۽ دانهن سان آلاپ ملائي وقت جي رفتار سان گڏ هلڻ گهرجي.“

۽ ڀاءُ تبسم اها ڳالهه تسليم ڪندي واعدو ڪيو هو ته ”آئينده سندس گيت، گيت نه پر شعلا هوندا.“ ۽ پوءِ اسان توهان سيني ڏٺو ته تبسم جي ڪيسٽن واري شاعري جيڪا اڳ صرف پيار ۽ محبت، جي نغمن جو آلاپ هئي. انهيءَ ۾ سنڌ ۽ سنڌ واسين جا سُور ۽ سڏڪا به ٻڌڻ ۾ اچڻ لڳا.

شاعر جي حساس ذهن ۾ تبديليءَ جا اهي ڪارڻ گهٽ ڪونه آهن ۽ انهن ارهه زوراين تبسم کي به گلدستو رکي هٿيار طرف هٿ وڌائڻ لاءِ مجبور ڪيو ۽ پوءِ هن پنهنجي جبران سان گڏ سيني سنڌي ٻارڙن جي هٿن مان رانديڪا کسي ڪين ڪلاشنڪوف ڏيڻ لاءِ هي نغمو رڪارڊ ڪرايو.

ننڍڙي ٻالڪ هٿ ۾ امڙ هاڻ نه ڏي تون رانديڪو
هان وٺ ڏينس ڪلاشنڪوف ......................
سنڌ جي دشمن سانگ ڪيو آ، مذهب اوٽ وڙهي ٿو پيو.
هان وٺ ڏينس ڪلاشنڪوف ......................

اجا اڳتي هلي تبسم جڏهن امن پڪيئڙي کي پرزا ٿيندي ۽ بي امني جي بندوق سان زخمي ٿيندي ڏسي ٿو تڏهن سندس قلم لڇندي هي ورلاپ ورجائي ٿو.

ٻيا ٻيا ٻيرو ٻڪليءَ ٻڪليءَ گهات،
امن آبحيات، ......................
سنڌ ين سورهن مٿان گولين جي برسات
امن آبحيات، ......................
لطيف آباد، لتکيل لاشا ساري رات
امن آبحيات، ......................



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

لڙڪن ۽ مرڪن جي سنگم سان جڙيل هن ڪتاب ۾ پيار جو پورهيو شامل آهي، تنهنڪري سچن جذبن ۽ اُجرن احساسن تان اسان ڪي ٿوريون گهڙيون ڦني لرزشون ضرور قربان ڪرڻيون پونديون.

سيني سڄڻن کي وينتي آهي ته اسان جي هن سڪ ۽ سچائيءَ سان ڪيل محنت کي محبت جي ماڻ ۾ ماپي، پريم سان پڙهي پوءِ پنهنجي پيارن راين کان ضرور واقف ڪن ته جيئن اسان پنهنجي ايندڙ ڪتابن کي وڌيڪ سونهن ۽ سوڀيا وارو بڻائي سگهون.

اهي سڀ سهڪارهت چمڻ لائق آهن جن اسان کي هي ساهتي سوکڙي ”مٿيءَ جا سَرَ“ ڪتابي صورت ۾ آڻڻ لاءِ پنهنجو هٿ ونڊايو مان پنهنجي ساٿارين سان گڏ انهن مڙني مهربانن جو ٿورائتو آهيان جن سنڌي ساهت کيتر ۾ هي سهڻو ڪتاب پيش ڪرڻ ۾ پنهنجي سهائتا سان نوازيو.

**مقصود گل**

سنڌڙي ڪتابي سلسلو

”المنظر“ ــ رتوديرو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# منھنجو سڄڻ ورنائي ڪو.... (مهاڳ)

”تخليقڪار، تخليق ڪري ٿو پوءِ اڳتي هلي، اها تخليق، سندس وجود جي سڃاڻپ بڻجي وڃي ٿي.“

تخليق سان گڏوگڏ تخليقڪار جو تعارف به لازمي طور ٿي وڃي ٿو.

تبسم سان پريئي يا مُنهان منهن ڏيٺ ويٺ سالن کان آهي. ڪڏهن ڪڏهن ائين ڀاسندو آهي ته اسان ذاتي طرح ڪٺي ڪن ورهين کان واقف ٿيا آهيون پر اسان جو ذاتون چڻ ته صدين کان هن ڌيهه جي ڏک، سُک ۾ ساٿياڻيون پئي رهيون آهن.

پهرين ملاقات سائس نغماتي شاعري معرفت ٿي. آءٌ سندس ريڊيو، ڪئسٽ جي ڪن نغمن ڏي ڪنُ ڏيڻ لڳس. ڪن ڪن شعرن ۾ ايتري سناءَ جي سادگيءَ جذبن جي سچائي هئي جو اهڙي محبت ڀري ذات ڏي چاهت سان ڌسڻو پيو.

● ها، مان تنهنجي بنا ڪجهه به نه ناهيان،
تون جي گڏ گڏ هجين، پوءِ مان آهيان.
مُند مرڪي پوي، جيءُ جرڪي پوي.
تون جي هيڪر اچين ته مان جهومان، نچان (تبسم)

پيلن مان سرهن گلن جو ملڻ نئين ڳالهه نه آهي.
پرئي ميلي ۾ ڪنهن مه لقا تي نظر پئجي ئي ويندي آهي.
حسن ۽ عشق جي نغمن مان روح کي راحت اچڻ به فطري آهي.

تبسم ذاتي طرح گهٽو ڪجهه آهي. ڀهڳٽو. گهڻ پاسائون شخص. شخص ڇا، ٻاهر خاموش خاموش، اندر پرجوش هڪڙو ننڍڙو ادارو آهي. اهڙو ادارو جيڪو دوستن کي دلداريون، سنڌي ساهت ۽ ثقافت کي پنهنجي وت ست آهر وَتون آڇيندو ٿو وتي.

هي فنڪار ڄمندي ڄام نظر اچي ٿو. ڄمندي ڄام مان مطلب ڪو غيبي طاقت جو مالڪ يا صاحب-ڪرامت نه آهي. پر هي خدا جو بندو، سونهاري سنڌ جو باشندو اٿندي ئي خوبصورت طبيعت جو مالڪ ٿيو. هن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

جي اندر ۾ هڪڙو نہ پر ڪئي فنڪار آباد آهن، جي همزاد وانگر ساڻس ساٿ ساٿ آهن. هي همراهہ اداڪار، صداڪار، گيتڪار سان گڏو گڏ طبيعتاً يارن جو يار بہ آهي. بي قدري، بي ڍنگي، بي مزي زماني ۾ ماڻهو مزيدار بہ آهي. مزيدار ان لاءِ جو:

ڪلاشنڪوف ڪلچر دور ۾، ساز، آواز جو ساٿاري ٿيو بيٺو آهي. سياسي جلسي بازي جي ڪوڪلي نعري بازي کان پاسيرو ٿي، علمي، ادبي ثقافتي ميڙن ڏي تاڻي ٿو. چيڪن، بئنڪن ڏي ڍڪڻ کان وڌيڪ، ادبي بئنڪ بئلنس لاءِ پاڻ پتوڙي رهيو آهي. هن وقت سندس ادبي بئنڪ بئلنس ۾ ٽي ڪتاب آهن.

● گلن جا جهڙا گل
● شنق وارا چانورا
● مٽيءَ جا سُر

"برسات جي رات" فلم بنايائين، جنهنجو ڪهاڻيڪار گيتڪار، مک اداڪار بہ پاڻ هو. ڪجهہ وقت ٽي-وي ڪمپيئرنگ سان ناتو لاتائين. ساز- آواز جو ايترو- خفتي جو پنهنجي رڪارڊنگ ڪمپني بہ کوليائين. شاعريءَ جي شوق ۾ ريڊيو، ٽي وي، ڪئسٽن کان ڪتابن تائين. پنهنجي دل جي داستانن جو دائرو پکيڙي ڇڏيائين.

هي اڌ رومانوي اڌ قومي مزاحمتي شاعر، دهشت گرديءَ واري دور ۾ ديس ۾ پنهنجي قومي وجود لاءِ وس آهر جدوجهد ڪري رهيو آهي. تہ ڪيڏي نہ مهانتا آهي قلمڪار جي ان قومي جذبي ۽ اڻ ٿڪ ڪوشش جي!

● جنگ آ تو سان جنگ آ.
سنڌ جا ويري جيئڻ اسانجو.
ڪيو تو چو تنگ آ.
جنگ آ تو سان جنگ آ.

● صدين کان پيڙيو ويو آهيان.
تڏهن تہ باغي ٿي پيو آهيان.
سَنڌ سَنڌ تي ڏنب، ڏنگ آ.
جنگ آ، تو سان جنگ آ.

● ذرتي جيجي آ.
جيجي ذرتي آ.
بنهي سان منهنجو رشتو.
بنهي سان منهنجو ناتو.
اصلي ازلي آ.



soorhiyaadab
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

هو ڪئسٽن ۽ ڪتابن جو شاعر بنجي چڪو آهي ۽ اچا پنهنجي پيغام پهچائڻ لاءِ پتوڙي رهيو آهي. آءُ چوان ٿو تہ شاعر جيڪي چوي اهو ڳائجي، جيڪي لکي اهو ڇپجي اچي، پڙهجي. تہ اهو ان جي ادبي پورهئي جو پڪهر سڱڻ ڪان اڳ ۾ ئي اجوري ملڻ برابر آهي. ڇاڪاڻ تہ هن دنيا جي انڊڪار ۾ ڪيترا پريت، پورهيا، بيوسي جو شڪار ٿي گمنامي ۾ غار ٿي ويا.

"مٽيءَ جا سُرُ" منهنجي اڳيان آهي:

سُر ٻڌان پيو،

سُر ٻڌبا آهن،

جهومبو آهي، تڙپيو آهي.

آءُ مٽيءَ جا سُر پڙهان پيو. ۽ انهن تي تعارفي تبصري لکڻ جي ڪوشش ڪريان پيو. پر خوشبو تي سنگهبي آهي ۽ خوشبو. پنهنجو تعارف بہ پاڻ هوندي آهي.

منهنجي نگاهہ ۾ مٽيءَ جا سُر غمگين هوندي رنگين آهن. جيئن ڪي مسڪين ماڻهو پنهنجي طبعي تونگري ڪري غني نظر ايندا آهن. ڪي سادا طبع، ساده پوشاڪ انسان حسين بہ هوندا آهن.

هي گيت، غزل، نظم، شاعر جي گوناگون طبيعت جا ترجمان آهن جيڪي ڪٿي حيران پريشان تہ ڪٿي من مستان. جيترا عنوان اڳيان آهن، ايترا ويچار ڏنا اچن، هر عنوان هڪ داستان هر داستان هزار داستان هوندو آهي شاعريءَ جو هڪ شاعر جي گهري نهار ۾ هر موضوع جو آڳو پيڇو ڏسبو، فني فڪري ٻجڪو ڦولهبو تہ، شاعر ۽ قاريءَ جي وچ ۾ رابطي ٻدران رخنو بنجي پئبو. چو تہ هر نظم جي عملي چنڊ ڇاڻ، گل گل جي الڳ جاچ، پن پن جي جدا پڇاڻ پاران هي گلدستو بلڪ گلزار ئي اوهان اڳيان حاضر آهي.

سراسري طرح ائين چئبو تہ نثري نظم جو حصو گهٽي ياڳي سماجي مسئلن سان لاڳاپيل آهي. جيڪو شاعر جي سياسي، سماجي شعور ۽ قومي ذميواري جي ثابتي آهي. ڪن نظمن جي پريشان چهرن تي شاعر جي پنهنجي اندر جي پيڙا اٿلندي پٿلندي نظر اچي ٿي. جيڪا هن حساس دل قلمڪار ڀوڳي آهي. ڪن اهڙن منظرن ڪي نظريو اٿس. جيڪي پڌري پٽ تي هوندي بہ اڳ ۾ ڪنهن جي ڌيان جي ور. قلم جي هٿ نہ چڙهيا هئا. جيڪڏهن ساڳيا ڏٺا وائٺا. ڳنا. پيٺا موضوع ڪنيان اٿس تہ بہ انهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

هڪ دل چيو ته ٿيهاري ڪن نظمن مان ڪن عنوانن کي نروار ڪري اهم (N. B) ڪري ڇڏجي، پر ڏنم ته سڀ پنهنجي مقصد کان ڪارائتا آهن، ٻي دل چيو ته پلاڪ ڪن نظمن جون ڪي سٽون ڪي حصا جن مونکي وڏيڪ متاثر ڪيو آهي سي حوالي طور ڇاٽايان.

ته اجائي ڏيگهه جي ڏپ چيو: اونهون!

شاعرائي خيال چيو: خبردار!...... متان اهڙو ڪم ڪرين !

"نظم مان سٽون ڪڍڻ آهن درياء کان چوليون چنڻ".

ڇڏ ته پڙهندڙ ڪتاب پاڻ پڙهن ۽ ادبي ذوق پورو ڪن.

لهر لهر ۾ پيچ پيل آ- تن سان پريم پڇائي ڪو!

منهنجو سڏ ورائي جو!

(تبسم)

## استاد بخاري

غريب آباد - دادو

٢-١٢-١٩٩٠



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪلاڪارن جي ڪَلاَ ئي زنده رکيو آهي ورنہ گهڻو اڳُ اندر واري اڏوهي ان ذات کِي سرجڻ کان اڳ ئي کائي کپائي ڇڏي ها.

گهرَ ۾ منهنجين تخليقن کي سانپڻ ۽ سهيڙڻ ۾ مون واري زال جي سيبتائپ جو وڏو هٿ آهي. جنهن منهنجي تخليقن (جنهن ۾ مون وارا چار ٻار بہ شامل آهن) کي سانديو. ۽ مان اُها شاعري لطيف جي ٻوليءَ جي بي لوث پانڌيڙن مقصود گل ۽ منظرحيات جي حوالي ڪئي، خدا کين خوش رکي واقعي ٻئي سچا ساهتڪار آهن ۽ پنهنجي اشاعتي اداري سنڌڙي ڪتابي سلسلي رتوديرو پاران نج ادبي بنيادن تي ڪتاب ڇپرا ڪندا رهن ٿا. اُن آڏي مانجهيءَ ساٿ ڏيڻ وارن سڄڻن جو بہ ٿورائتو آهيان جن اڻ مَيو قربُ ڏئي زندگيءَ جي سچائين جو ويساه ڏياريو. ٻين مهربانن ڪانسواءِ سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن (سگا) شاخ نئون ديري وارن سَهڪاري سنگتين لاءِ بہ شڪريو ٻجا آڻيان ٿو.

”ٿورا نہ ٿورا مون تي مارُوئڙن جا“

فقط:

## ع - غ - تبسم

نئون ديرو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# آزاد نظم



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# انصاف گهر

انصاف جا گهر
ڪوڙ ڪٿڻ جي جاءِ
بي پهچ ماڻهن سان
غريبن سان
ويساگهاتي
نسورو ناحق
ڏسي وينو
صليب تي ٽنگيل
يسوع مسيح
پاڪر پيري وينو
روز روز
صليب تي ٽنگيل
بي گناهن جي لاشن کي
گهرڙي ڏئي ٿو
ڌڻ ئي آگريون
وقت جي
مسيحائن کي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# سنهاياڻ م سپ

ڪنباٽي
وجهندا
ڪاڪ محل
جلدهن
نحيف
۽ لاغر
جسم واري
اگهاڙي انگين ماگ ڏي.
سڪل جُهري
سڪل پونڊو
پيٽ وارا، جهونا ڳڙهه
سنهڙا شاهه
رت ريتا انهن لاءِ ٿي
جهندا ته ڇيو آ ...
جهلي ”سنهاياڻ
ڪاهي م سپ
هلندا ها،
مومل انهن لاءِ....

soorthsindhiadab



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# مارشل لا

اونداهي غار
جي مٿان هلندڙ
ڳورا وزني بوٽ
ليفٽ رائيٽ....
ليفٽ رائيٽ....
هالٽ !
ساهه کڻڻ به
بند
ٻاهر نه ٻجهجي
ساهه کڻڻ جو
آواز
لانگ بوٽ
هيٺان
منڍي
چيپاٽجي
ويندي
ڪوڙ
نسوروڪوڙ
٩٠ ڏينهن
اليڪشن
دوکو
دين جي اوٽ ۾

اونداهي غار ۾
پٺي ڦريا
چريا،
باندر،
چيرا ۽
ماڻهو ڪائيندڙ
وحشي بگهڙ
"ڪئڪ مارچ"
11 سال ٺاٺا
اونداهي غارمان،
ٻاهر پير
نئون صبح
نوان واعدا
نوان قول
اي
ڪاش سڀ
ساڀيا ٿي پون....!!!
(هاڻوڪي جمهوريت جي وقت ۾ لکيل)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# آزادي

آزادي
مڃان ٿو
چنڊ مان لهندي
پر
مٽيءَ ڇمڻ عيوض
برندڙ ٽانڊن
تي ننگا پير
ٽپڪندڙ
تيل ڪڙهائيءَ ۾
ننگو بت
اگهاڙي پٺي
تڪرا لٺل
ماس ڪوريل
پيربن
ڏندي پيڙيون
ڪڙ ڪڙ جو آواز
حياتيءَ جون
حسين راتيون
لوهي شيخون
جنوريءَ جي رات
سخت ولهه
هيٺ

ڏرتي
رتووت ٽيل
ننگو بت .
ياد
زال ،گهر....
ڳيرو هوشو
پٽڪڙي مارئي
لڳين سيسراٽيون
پوءِ
مس توڏي
مرڪي ايندي
تنهنجي ماٿي کي چمي
توکي ڏيکاري ڏيندي
آزادي
جا
مڃان ٿو ته
چنڊ مان
لهندي
پر........



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner
soorihsindhiadab

# سازشون

ڪو تہ
ڏاهڻ
جي
تاڙ ۾
آهي
منهنجي
ننڊڙي
ڪڪائين
امن
واري گهر ڪي -
هي ڪير
ڪُوئي جيان
ڪُتري
رهيو آهي
منهنجي دروازي
تي
ٽڙندڙ
ڳاڙهن ، نيرن
گلڙن ڪي.

هي ڪير
ڪاري مس
هاري
پيهرتو
ليڪان جوڙڻ گهري
منهنجي
گهر
جي نقشي جون



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## مان ڌوهي هان

ٻوڙينڊو
مان
وچائي
نہ
ڇاڻان،
پر
مٿي
ڇپ تي
رکڻ سان
پاڻ هُرتو ٿي
ڳائڻ
لڳي آ
”مان
ڌوهي
هان،
مان
ڌوهي هان......



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner
soorihsindhiadab

# مٺيءَ جا سُرَ

هيل
گل مور
جي
ٻاڙهن
گلن
جي
هيتان
بيهي
ڳائي
رهيا هن
ڪارا
هيڏا
اڇا
ڪتا
هڪ ٺي راڳ
ڪورس جي
آواز ۾ —

الائي
ڪڏهن
منهنجا
ماڻهو
ائين
آلاپيندا
۽ جهونگاريندا
مٺيءَ
جا
سر
هڪ آواز ۾
هڪ انداز ۾
ها الائي ڪڏهن....



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# آلاپ

چوٽا
زنجير
ڪڙڪايو
سرڪڻ ٿاهي
ڇاهي
روز مرڻ وارو
روز جيئڻ وارو
مان
سڪل
مانيءَ جي
ڪناريءَ سان
روز آنڊن
جي وڏڪ
نٿين
ته ناهي.
پوڙهي املتاس
جي
وڻ تي

ويهي
آلاپيان ٿو
ڌرتيءَ
جو
راڳ –



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner
soorihsindhiadab

## ابوجهاد جيئرو هو.

تنهنجي دل اڄ بہ
چوندي هوندي تہ
مان تولہ کو نٿون
خوبصورت غزل لکان.
تنهنجي ڪارن ڏکهن
وارن جي تعريف ڪريان.
پر ڀڳلي ! تڏهن
ابوجهاد جيئرو هو
فلسطيني بي گهرہ هيا.
سريلنڪا ۾ ڪونہ هيا،
ڪرائي جا فوجي -
تڏهن هر گهڙي
هوندو هو مٽي تي سوار
تنهنجي عشق جو ڀوت
هر گهڙيءَ ڇپن تي
هوندا ها
تنهنجي پيار جا گيت
اڄ

منهنجي پنهنجي
قوم جي
نياڻين جون
اگهاڙيون
لپيل
ڇاتيون
ليڙن
مان ليڪا پائي
ڀوندا
ڏئي رهيون آهن
منهنجي قومي غيرت کي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

## ويڪائو شاعر

اج جو شاعر
ياڙي تي
لکي
وطن جا گيت
دل
جذبن کان خالي
ليڪن
شهرت ڪاڻ
ٺاهي وينو
گيت ۽ بيت.



soorinsindhiadab
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# سوچ ڪي لوچ

نٿين ماڊل جي ،
عاليشان ڪارجو
اسٽيرنگ ڦيرائيندي
مونکي همدرديءَ طور
سرمائيدار سنگتيءَ چيو
ڪيڏو نہ پنٽي رهجي
ويو آهين.
چونہ ٿو ڇڏين
هي موسيقي ۽ شاعري جا
غير پيداواري شوق.
مان خالي پيٽ هوندي بہ
ڀرپور ٽهڪ ڏنو
چيم تہ :
تون کوھ جي
تري ۾ پيو هٿوراڙيون ڏين.
دوست !
مان کوھ جي پڳھ تي ويهي
حالتي مشاهدو ماڻي رهيو آهيان
۽
هن ڌرتي تي
سوچڻ لوچڻ
وارا سارا ماڻهو
مونکي ڏسي
۽ پاٻوھ سان ٻڏي رهيا آهن..



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# فرق

مفلس جي
منهن جو رنگ
سرنهن جي
گلن جو رنگ
هڪجهڙو آهي
فرق رڳو آ
ڪيفيتن جو،
احساسن جو.



soorinsindhiadab
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# اويڪ ڏٺي

اوشاھ
تنھنجي ٿي سٽن جي
اتساھ سان
ساھ پيو آ.
منھنجن
ڪچن ڦڪن شعرن ۾ .
ورنہ
ڪيئن سڏجان ھا
مان
ڏات ڌڻي
ھا
اويت ڏٺي
مون بعد
جڏھن
ڪو راڳي
ڪو ڪلاڪار
ڪو ڪوي
جڏھن منھنجي قبر
پرسان
منھنجا گيت جھونگاريندو
يا
ڪو عاشق

پيچ پنيءَ رات ۾
چاندوڪيءَجي
ڇيرپائي نچندو
۽
مست ٿي
آلاپيندو
راڳ منھنجا
يا
مون بعد ڇپبا
منھنجا شعر
اخبارن ۾
رسالن ۾
تڏھن
منھنجو روح
پيش ڪندو
خراجَ تنھنجي عظمت ڪي
ھا
اوشاھ ....



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# ڪتن ڀونڪڻ شروع ڪيو

رات جي پراسرار خاموشيءَ ۾
اوچتو
چُپ کي چيري
فوجي جيپن جا آواز
ويجھو کان ويجھو ٿيندا ويا
ڏيڏرن پنھنجا آواز
بند ڪري ڇڏيا ھيا.
چوڌاري
ڪتن ڀونڪڻ شروع ڪيو
ھو منھنجي ويجھو بيٺھي
منھنجي باغي دوست جي
گھر جو ڏس
ٻچون ڏئي پڇي رھيا ھيا.
رات جي چانڊوڪي ۾
ڪارن منھن تي اچا ڏند
جرڪي رھيا ھيا.
لانگ بوٽن جا آواز
ڳوٺ جي پر امن،
خاموش ماحول کي وحشتناڪ
بڻائي رھيا ھيا
ھلڪيون سازشي سرگوشيون
ھيڪر دل چيو ته
ٻڌايان
اوچتو مٽيءَ ٻُڪَ اڏامي،
منھن تي زور مان لپاٽ
وھائيندي رڙڪئي
بي لڄا
مون کي لڄائيندين
شرم نه ايندءُ.
مان پنھنجي سموري طاقت
گڏ ڪري،
زور سان پنھنجو وات
ٻيڪوڙي ڇڏيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# دل تولاءِ

ڪويل
املتاس جي
وڻ تان
ڪوڪي رهي آهي
”دل
تو لاءِ......“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

## جيئڻ ٿورا ڏينهڙا.....

هاءِ ڙي موت
نہ ڏسين
وهي نہ وقت
نہ منڊ نہ مهل
نہ آڏي نہ مانجهي
مهٽي ڇڏين
ڇپٽيءَ ۾ رکي
گل گلابي
ڇيپاٽي ڇڏين
ٽائرن جي وچ ۾
هيڏي ساري
املهہ حياتي
ڇيهون ڇيهون ڪارجو شيشو.
ڇيتيون ڇيتيون دل جهروڪا
هاءِ اجل
هيڏو وڇوڙو
شل مار پوئي
تنهنجي حادثي جي خبر
هڪ قيامت

تنهنجو مرڪندڙ چهرو
ڪالهوڪو ڏينهن
مونسان گڏجي
ٽهڪ ڏنا تو
زوريءَ ڪلهي تي ويهاري
جهمريون هنيون تو
منهنجي ڪنڌ تي
ها ٿادر ،
تو وارن ٽهڪن مان ٿي
محسوس ڪيو مون
تہ
مان اليڪشن ڪٽي آهي
پر
جهٽي ويو
موت جو باز
تنهنجا زندگيءَسان
ڀرپور ٽهڪ
خالي ڪري ويو
اڱڻ تنهنجا

soorihsindhiadab



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

۽ هاڻ منهنجو

هاڻ

ڪنهن جيئڻ جو

کهڙو مزو

تنهنجا تهڪ جو نہ هوندا

هاءِ

ٽانڊاٽي جيان ٻري وسامي

تو هاڻ

تنهنجو موت

منهنجي اينڊڙ سمورين

ڪاميابين کي هاٽي ٿي هار ڏئي ويو آ .

ها قادر

مڃيان تو

توبن مان مري تہ نہ ويندس.

تو هڪ پيرو

منهنجي هڪڙي شعر جي ،

وضاحت پڇي هئي تہ :

”ڪلندي ڪلندي

ڪيئن روئي ڏبو آ ....“

اڄ تنهنجي روح کي

تنهنجي سوال جو جواب

پنهنجو پاڻ

ملي ويو هوندو.

وڻ ويڙهيءَ جيان

ويڙهيون ويو آن

حيات جي ٽڙ کي

پنهنجون يادون

پنهنجون وفائون.

ها لطيف

سچ ٿي چيو آ ....

”گهوڙن ۽ گهوٽن جيئڻ ٿورا ڏينهڙا......

(دوست عبدالقادر لغاريءَ جي حادثاتي موت تي )



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ياد

جنوريءَ

جي

رات

سخت

سرديءَ ۾

تنهنجي

ياد

جڻ

هيٽر راڊ

(Heater Rod)

soorihsindhiadab



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

## ڪجھ ڪوڙ ڪجھ سپون

زندگي سمونڊ ويڙ

پوئتي وري تہ

ڪجھ ڪوڙ

ڪجھ سپون

باقي

واري ئي واري

ڪجھ بہ نہ

زندگي

سمونڊ ويڙ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner



## جتيءَ ڪي وارو

ڪوڙينهن ايندو
ها ضرور ايندو
تون
روئيندين،
۽ مان
ڏيندس
توکان ٻه وڏا ٺهڪ
ڪيئن
جاني !
آهي ني
جتيءَ ڪي ٻه وارو...

soorihsindhiadab



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# سچائي

اڄوڪي رات تہ
منهنجي نرم گرم جذبن کي
اي جاني سهارو ڏي
پوءِ جي ڪهڙي خبر تہ
هن جڳ ۾
هي گهڙيون اچن نہ اچن
اڄوڪي رات تہ پنهنجن ٻنهي
ٻانهن ۾ جيترو زور اٿئي
ڇيپاٽي رک مونکي.
اڄ تہ، ها اڄ ڀرپور
ٿڪ ڏي مونسان
منهنجي دل رکڻ لاءِ ئي سهي
اڄوڪي رات آءُ تہ
پڌر ۾ ويهي
چنڊ جي سڄي چاندوڪي
روح جي گهرائين ۾ اوتيون
جيئن قسم کائي سگهن
اسان جا جرڪندڙ ٻت.
صبح جي سوني ديوتا آڏو
تہ رات جي هيڪلائي ۾ پي
پاڪ پوتر رهيا آهيون
اسان جي جسمن مان
ٻکندڙ سچائيءَ تي
اي سڄ
ورائي ڇڏ
اونداهيءَ جي چادر .



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# تصويرون ۽ خط

جهونڙن هٿن ۾

تنهنجا خط

اکيون هيڊيون هيڊيون .

ٽڙڪندڙآواز

لڙڪندڙ ڪل -

ها

چمر ،

ٻالپڻ ،

وهي ،

سپ جڻ

اک چنپ .



soorihsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

## سڪ جو انت

مان تہ تنهنجي
اکين مان
تنهنجي دل ۾ لهي
ڪَتي ورتي آ
گهرائي پنهنجي
تون ڪيئن ماپيندين
منهنجي سڪ جو انت
ڏنو آ
ڪنهن
سمنڊ جو پيو ڪنارو .



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# حياتي

حياتي،
ڪڏهن ڪڏهن تہ
چاندوڪيءَ رات ۾
سمنڊ جي مست ڇولين
جيان
ڏڏڪي ۽ ڪَڇَي -
ڪڏهن
ائين ماني
جڻ
قتل شهر جو
سڄو مقام.

soorihsindhiadab



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# منهنجي شاعري

مان
۽
منهنجي شاعري
ٻئي
هڪ ٻئي کي
ڇڏي ٻہ ته
نٿا سگهون.
ڀلا آهي
ڪو
جنهن
رضا خوشيءَ سان
ساهہ ڏنو هجي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# برلن ديوار

چا
روڪي سگهي آ
ڪا
رسم
ڪو رواج
پيار جي پالوٽ ڪي .
روح
جي
رشتن ڪي
ڪالهه
ڏٺئه
۽
ٻڌئه ني
ڪيئن
غير فطري
ديوار ٽوڙي
ملي ويا
مشرق ۽ مغرب،
(مشرقي ۽ مغربي جرمنيءَ جي سنگم کان متاثر ٿي لکيل)



soorihsindhiadab
Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# بانسي ماٺو

سرمئي شام جو
اسلام آباد
جي
روڊن تي
ساڳيائي چهرا
مرسڊيز
۽ هنڊا اکارڊ ۾
شراب، شباب پنيان
ڊوڙندڙ
سنڌهائوس ۾ رهندڙ
ڏپ هٽان
بانسي ماٺو
اسيمبلي ۾
ويهي هرو پرو ڌرتيءَجا ڊائلاگ هٽي
ڪوڙا مانگر مڇ وارا ڳوڙها ڳاڙي
شعبدي بازي ڪندڙ
ڪالهه فوجي آمرسان بہ گڏهيا
۽اڄ جمهوريت جي قافلي سان بہ
گڏ گڏ
۽ سيان بہ
پڪ اٿم تہ
ساڳيا ابن الوقت
هوندا
ايندڙ
اقتداري ٽوليءَساڻ.
(اسلام آباد ۾ جمهوري دؤر جي دوران لکيل نظم )



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# نانيءَ ويڙهو.

مختيارڪار ،

رئيس ،

تپيدار،

پٽيوالو

ڪاتيدار

خلاف

نانيءَ ويڙهو.

soorihsindhiadab



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# ٻہ لفظ

تنهنجي اکين جا
ٻہ لڙک
ڪاش منهنجي ٻک ۾ ڪِرن .
پنهنجي
قبر
جي
ڪتبي ڪاڻ
ساندي رکندس
تنهنجا اهي
ايڏا قيمتي
ٻہ لفظ
ها
جاني!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# پاڙيتو ماڻهو

ڳوٺ جو
هڪڙو ماڻهو
هوڻ تہ ڏاڍو
ڏسڻو وائسٽو
مک چک سان
چڱ
معتبر ماڻهو
چڱ مڙسيءَ جي
ساک تي ڪيس
نوڙي ملندڙ
هرڪو ماڻهو.
هاءِ هاءِ
پر
سو ڏاڍو ماڻهو
تاڻي جو
پاڙيتو ماڻهو..



soorihsindhiadab
Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# وئشيا.

تون سانجهيءَ سمي
مونکي ڏسي
وسامين چوڻي؟
ويساهه ڪروئيشا
مان صرف
نوڪلاڻي ۾
اوڳر
وٺڻ ايندو آهيان تنهنجو
تہ
ڪسب
تنهنجي ڪرت آهي
يا
مجبوري.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# پئسن تي پرچار

نک کي موڙو تو ڏين
نرڙ تي
اپرندڙ گهنج
محسوس ڪري
ورتا اتمانءِ
تہ
ڪونہ تا وٺن
توکي
راڳيءَ جا
گيت ۽ غزل
پئسن تي
مذهب
جي پرچار ڪندڙ
اي ڪاش
هجني هاڪا
اندر ۾
پيار ذري !!



sooriihsindhiadab
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# چوسٽا

# ۽

# ٽرسٽا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

پوپٽ جي پرن تي سا لکيل ته هوندي ناهي
ڪنهن مهه جبين جي منهن تي اُڪريل ته هوندي ناهي
ماحول مان ازخودئي محسوس ڪبي آهي
آزادي هماليه تي بيٺل ته هوندي ناهي.

پٿر کي پٿر تي گهي باه ٻاريو
سمهي نه اوهان ٻر اُٿي باه ٻاريو
برف جي گهرن مان نه ٻاريو پيٽ کي
اگر ٻارٽي آ ته نهي باه ٻاريو.

چو ڏجي گهارجن زندگيءَ جون گهڙيون
سچ نه ميراث آه رڳو سقراط جي
اُٿ او ٻيرو تون پي ٻاٿُ ڪڻ ڳهرَ مان
ڌُهل تي ٻالهه ڪر سنڌ جي خاڪ جي.



soorhsindhiadab
Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي مقتل جي هُن پارنئين زندگي
تنهن کي ماٺ ۾ ڪُماڻ هي جتن ٿو ڪيان
مرڪي پهتس وکون مان ڪٺي دار وٽ
ماٺهن ٻوٽيون اکيون مان کِلي ٿو پوان.

ڏسئون ٿا تہ رَتُ کي لڳي باه وئي آ
اسان کهڙي جُڳَ ۾ اچي ڦاٿا آهيون
اللهي اسان کان ڪسي وٽ تون جيون
اسان شاعر ماڻهو ڇمي ڦاٿا آهيون.

لوڪُ نوڙيءَ مان نانگ ڪري ڇاٽي
هُل ٿيو ڪاري جاڙ ڪئي آهي
سونهن کي سوري ڪنهن ڪيو پنهنجو
ماڻهن ڏاڙ ڏاڙ ڪئي آهي.



soorhsindhiadab
Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چو وڪامجي ٿي سونهن بزارن ۾
هر نئين رات نئون سپنوڪو لهي چوٽي
هل تہ حوا ڪان تا هلي پڇئون "تبسم"
گهنگهرو پيرن ۾ آخرپدمٽي ٻڌي چوٽي.

امیراٹي گهرَ پرسان جڻ جهوپڙي آ
وڏي هٽ جي پرسان يا ننڍڙي پڙي آ
اسان جي سموري حياتي "تبسم"
بصر ۽ پٽاٽن جي جڻ ريڙهي آ.

ڪامورن جا هر دور ۾ پڻ يارنهن
هر صاحبِ مسند جا معتقد سڏجن
هجي مارشلَ لا يا ملڪ ۾ جمهوريت
صاحب لوڪ هر بزم جا "رند" سڏجن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

هنيئن راهه ۾ نه ويهبو خاموش ٿي ڪڏهن
تارن ۾ واٽ ڳولهبي منزل ڪي ڏوربو
ٽڪجي بيهي رهياسين جي واٽ تي ”تبسم“
ڪئين حصو بڻجنداسون تاريخ جي صفحن جو.

اُتو ها اُتو تہ نئون ديپ ٻاريون
اُتو اي اديبو ڪٽو مَسُ قلم کي
وري تو اسانجي مٿان بارُ آيو
نثر ۽ نظم سان جهڪايون ظلم کي.

اوهان جي ڪَنن تي نہ ڏڏ کو پيو کو
اُيامي جيتوٽيڪ سهڪي پياسين
اوهان ريءَ تہ آهي رڳو روج راڙو
اوهان کي ڏنو سين تہ مرکي پياسين.


soomhsindhiadab
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

نجوميءَ ڪي خوابن ۾ تارن جون ڳالهيون
۽ اُستاد ڪي ننڊ ۾ ٻارن جون ڳالهيون
نہ ٿي ٻاڙ پنهنجي ٻہ ٿئي پوري "تبسم"
ڪيون ڪين ٿا جيسين يارن جون ڳالهيون.

قانون جي بدن ۾ ساسگهہ رهي آڪاڻي
ڪيسي گرم ۾ جيڪا طاقت اچي وئي آ
مجبور مفلسن لاءِ قانون آهي ڏاڍو
ڏاڍن جي اشاري سان لاڪپ ۾ هٽڪڙي آ.

گنهگار شڪليون گنهگار بستي
هر ماڻهوءَ جو ايمان پئسي پرستي
سچائيءَ جا جذبا نلهائپ جون ڳالهيون
چون ٿا تہ اڄڪلهہ آ دستيءَ کي مستي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

گنهگار شڪليون گنهگار ماڻهو
هر نئين سج حا پرستار ماڻهو
جمهوريت جي سَٽَ ۾ ٻہ شامل ڏسان ٿو
جي آمر سان ها ڪالهہ عيارَ ماڻهو.

(تازي جمهوري دور جي خاتمي کان اڳ جو لکيل)

دلو ڀڃي دلي سان ٺهڪبو تہ وڃندو
ڪنهن بند ساز تي هٿ جي رکبو تہ وڃندو
ڪنهن مندر جي درتي لڙڪيل گهنڊ ڪي جي
ڪو پٿر ڪٽي ڪوئي هٽندو تہ وڃندو.

زخم ها گهاءَ ها هزار هئا
هر گهڙيءَ نيڻ اشڪبار هئا
پوءِ پيي تولاءِ دُعائون تبسم
پوءِ پيي ساڳيا ئي انتظار هئا.



soorihsindhiadab
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

+

ڳلــيءَ ڳـلــيءَ ســڏ
چــڙواڳـــي چـــڏي
اچـــو تـــيـــون گـــڏ

+

ٺـاٺي جـو صـوبـيـدار
چـوري ڪـرائي پـاڻ
ٻـڌي چـوڪـيـدارُ

+

ٻنيرڪيءَ جو ٻٽڪو
ڪـڏهن تـہ سانـولـڙا
سـڏڪـو سـڻ کـو

+



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

+

پنيرڪيءَ جي بات
هيل تہ جانيئڙا
پائي وڃجانءِ جهات

+

تنهنجي هٿ ۾ ڪانُ
لڳي ٿو نہ سَهنديِن
ماڻهوءَ هٿ ۾ نانُ

+

آزاديءَ جو خواب
ڪاسائڪو دوڪان
اڏي، ڪاتُ، ڪباب

+



soorihsindhiadab
Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سوره سنڌي ادب

Soorih Sindhi Adab

جي لهوارو لوڪ وهي ، تون اوچو وهه اوبار

صاحب خان "سوره" ميراڻي



CELL NO: 0344 3919786

Scanned with CamScanner

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# غَزلَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

درد جي رات هئي سحر نہ هيو
گھڙي هڪ عمر هئي پهر نہ هيو

يا تنهنجي دل هئي پٿر جي پرين
يا منهنجي آه ۾ اثر نہ هيو.

روڪ اڄ ۾ نہ منهنجي قصي کي
درد ايڏو پيو مختصر نہ هيو

پاڻ ئي روئي ماٺ ڪئي آ مون
پر ۾ جڻ ماٺهن جوگھُر نہ هيو

رات تبسم اهو مليو تہ سهي
اگ جهڙو اُهو مگر نہ هيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

۞

دل ۾ اڄ رات تنهنجي ياد وري آ شايد
اونداهيءَ رات ۾ ڪا چٽنگ ٻري آ شايد

ريءَ برسات سڄي رات پُسيو آ دامن
دل کي اکين مان ڳُهجو دَرُيا دري آ شايد.

تنهنجي واعدن جي اڄا اعتبار تي آهي
دل منهنجي ناهي ڪا پٿرن جي پري آ شايد

ڪير ايندو چوهتي ڪير سڏيندو مون کي
دل چري آهي خالي گهر ڪان ڊڄي آ شايد

تون پنهنجي شوق سان ها شوق سان ڪر ظلم ستم
ڪا "تبسم" ۾ اڄان ساه ذري آ شايد

۞



soorihsindhiadab
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

❂

ڇا لئہ تنهنجي نيڻن منجهہ نير نجهر جا ٻر جي آيا
نيري اُڀ تي مند بنا ڇو بادل اڄ هي ڀُلجي آيا

ٻاهران جيڏو خوش خوش آهين اندران ايڏو گهايل آهين
سنڌُءِ اُمنگن جو خون آهي ٻوڙ ها ڏس ڳاڙها تي آيا.

تون تو چوين تہ بارش آهي هو ڏس خشڪ سڄو اُڀ آهي
ڪَڪَر تہ تنهنجي اندر ۾ آهن پنبڻين پويان اوتجي آيا

روح تنهنجي ڪي ڪا رنجش آ اندر ۾ ڪا ڪشمڪش آ
تنهنجن ٿهڪن سان اوسائين سڏڪا هن جو ڳڏجي آيا

❂



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

اشڪ ڏُکَ درد جا بيان آهن
اکڙين مان روان دوان آهن

ڪڏهن منهنجو پيي هو گهرُ هتڙي
جنهن جا هاڻي نہ ڪي نشان آهن.

درد جي انتها نہ سمجهہ اها
دل جا جذبا اجان جوان آهن

اڪ جي دنيا سدائي آ آباد
خشڪ اندر جا آسمان آهن.

ڪنهن بئي کي مان ڪيئن چوان"تبسم"
مهربان سخت نا مهربان آهن


soorihsindhiadab
Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خزان ۾ ياد بهارن جا زمانا آيا
اکين جي آڏو اُهي خواب سهُانا آيا

تون ساڻ هئين ته نه هو فڪر ڪو زماني جو
تو بعد سُورَ ۽ صدمانه چا چا آيا

جڏهن ملڻ تي گُهريو تو ته ها هزار سبب
۽ نٿي چاهيو ملڻ تو ته بهانا آيا.

وفا جي راه جو مجرم تو ليڪجان هاڻي
اللهي ڪهڙا محبت ۾ مرحلا آيا

چاندوڪيءَ رات جو چاهت ۾ گم هيو "تبسم"
هاءِ چا لاءِ شفق وارا چانورا آيا



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خمار تنهنجي نظر ۾ سائين اکين ۾ تنهنجي شراب خانو
ڇتائي جنهن کي ڏسين تون سائين ڪرين تون ان جو خراب خانو

حشر مچائين جڏهن تون سائين آئيني وٽ ويهي پاڻ ٺاهين
جي ٺاهي ٺاهي ڪجل لڳائين ته دل ڪُلن جي ڪباب خانو

بهار تنهنجي ڳاڙهن ڳلن تي ۽ ڇيٽ تنهنجي ٻنهي ڇپن تي
تون جي ڳالهائين ته گُلَ ڪيرائين آ وات تنهنجو گلاب خانو

نظر ملائين ته نئين حياتي نظر ڦيرائين ته ابتي ڪاتي
ڪڏهن اکين ۾ ته آبِ زمزم ڪڏهن "تبسم" قصاب خانو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner
soorhsindhiedab

دل ڪڏهن بہ ياد ڪان غافل نہ ٿي
ماڻهن جي ميڙ ۾ شامل نہ ٿي.

آءُ وري هڪ ٻئي کي چاهيون نئين طرح
منهنجي ماضيءَ کي نہ ڏس بد دل نہ ٿي.

تنهنجي دل هر ڪنهن لاءِ قابل قبول
منهنجي دل ٻئي ڪنهن جي پر قابل نہ ٿي.

تو سان ئي دل ۾ تہ آهن رونقون
تو سوا ڪائي خوشي حاصل نہ ٿي.

ڇو اُميدن جي سحر اڄ رات ٻي
اي "تبسم" تنهنجي گهر داخل نہ ٿي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

⊛

اڪثرين مرڪ هيئه اهڙو جادو بي قابو ڪيئه جذبا منهنجا
تو نيڻ ڪٽي جو ڪپايا پرين سب هوش حواس ويا منهنجا.

ڀهريون ته گهٽيون هٽڪيون ڦٽڪيون پر نيڻ پرين تو سان اٽڪيون
تنهنجون جو هيون ٻئي سهٽيون اکيون پوءِ نيڻ پيي ڪين مڙيا منهنجا.

گهٽو لوڪَ مون دل کي روڪيو ٽوڪيو ته چوڪپرن سان ڪهين ٿو پيو
من ڪين مڙيو دل ڪين پلي اصلي نه هليا حيلا منهنجا.

اهي نيڻ اٿئي "تبسم" سان نهيل يا هر ڪنهن ماڻهوءَ سان هريل
اهي ڪنهن ٻئي سان ته نه ٿئي اٽڪيل جي مان ڀانيان تو رڱا منهنجا

⊛



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

✪

چلڙو پني ۾ ويڙهي تو مُکي مونڏي نشاني
منهنجي لون ءَلونءَ منڙا مڃي تنهنجي مهرباني

تنهنجا نازَ بازَ آهن ۽ نظر نظر آ جادو
جهڙي دل وڻي ٿي جهٽ پٽ تو جناب جي جواني.

وک وک تنهنجيءَ تي محشر پاڙي پڌرءِ دردر
ساري ڳوٺ گهٽيءَ گهر گهر تنهنجي حسن جي حيراني

تنهنجي مهرباني جاني تو مُکي مونڏي نيشاني
"تبسم" بہ دل مُنجئي تو هڪ جهڙا ٿيا سون هاڻي.

✪



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

٭

سپنا سپنا جرڪيو جيون
ڪيئن جهليان مان جذبا جوڀن.

تن جي تڙ تي ڦول ڦٽي پيا
رنگ برنگي ٿي پيو آ من.

سيئي تهنجي سونهن جا نالا
بر ڪا ورِڪا چيٽ ۽ سانون.

منهنجي ڇاتي آتي تو لئه
ترسي تو لئه دل جو درپن.

بوند جي منڌ سڳند ڏئي تي
اينديڻ ملنديڻ ٽڙندو وجيون.

انگ انگ تو سنگ مهڪي منڙا
جيءَ هندورا جهولن جهومن.

٭



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner
soorihsindhiadab

✪

ڪينجھر ڪان ڪَڪَر اُٿيا
يا تو وارَ پنھنجا ڇوڙيا.

اُٿي ڪونج يا ھنجُ اُڏيو
تو ڇيڙا ائين ڇوريا.

مُرڪ مَھڪ رابيلن جي
ٽھڪن سان گُلَ ٽڙ يا.

ڪا ٽر تي ڊيل ٽلي
تو جھومي پير ڪنيا.

سونھن ائين ني آ جادو
تو ڇو ھارَ سينگار ڪيا.

✪



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

❂

نظر انداز  ڪيئہ ائين جڻ ڪو خار آهيان
تـرڪِ تعـلق تي پي شڪر گذار آهيان.

عـجـب ڪـيـفـيـتن دل ۾ گهرُ ڪيو آهي
ڪڏهن حيات جي چاهت ڪڏهن بيزار آهيان.

تون خودئي تہ احساس آهين  خوشبو جـو
ورنہ مان گل نہ ڪا خوشبو نہ ڪا بهار آهيان.

تنهنجي اندر  جو  اڄڪلهہ  بدليو  آرايو
ورنہ مان ساڳيو "تبسم" ساڳيو غفار آهيان.

❂



soorihsindhiadab
Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجو جوين ڪڙب ۽ ڪانا
تنهنجي جواني سونا سنگ.

هوڏ ۽ هٺ ڪي چِڏني هاٺي
او اربيلا او اڙٻنگ.

تو سان اڻ ڪٿ دل جا نا تا
تو سان ناهن دل جا ڍنگَ.

دل جي افق تي اندلٺ ٻٽجي
پيٽ تون پنهنجا روپ ۽ رنگ.

ترسي تڙپي تولئه جاني
منهنجي هرڪا آس اُمنگ.

چاندوڪيءَ ۾ چور يان وينو
تنهنجي چاهت وارا چنگ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

❂

اسان جا ٽي واٽي هارائي وياسين
سُرخرو سڄڻ کي بڻائي وياسين.

اسان کان پڇيو هو پرينءَ حال دل جو
آئيندي چپن تي لڪائي وياسين.

مڃيان تو تہ خود کي ڪيو خاڪ هو پر
محبت سندو مچ مچائي وياسين.

اُهو ناز پَروَرَئي نازان رهي پل
اسان ان کي نئون رنگ لائي وياسين.

بزم ۾ اُنهيءَ جو ڀرم رکڻ خاطر
سڄي خلق خود تي کلائي وياسين.

جيڪو زندگيءَ ۾ مليو هو اسان کي
اُهو اڄ لڳي ٿو لٽائي وياسين.

حياتي هيو قرض ڪنهن مهہ جبين جو
چڱو ٿيو جو تنهن کي چُڪائي وياسين.

❂



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
soorhisindhiadab

٭

سوچيان ٿـو سـنـدءِ زلـف چـمـڻ لاءِ تـہ نـاهـن
واسـيـنـگ اهـي مـنـهـنـجـي وڙهـڻ لاءِ تـہ ناهن.

سوپيرا سوچيو آهي تنهن جي رُخ کي ڏسڻ بعد
پوڄڻ لاءِ آهن بت هي پـيـڄڻ لاءِ تـہ ناهـن.

موسم مان مون کي مشڪ سندي مهڪ اچي ٿي
آثــار يــار تـنـهـنـجـي اچـڻ لاءِ تـہ نـاهـن.

ڪـاڪـُلَ چارئي پَـلَ چو ڪلـيـل ٿـو چـڏين تون
اهي ڪاوشون ڪـُل منهنجي کُهڻ لاءِ تہ ناهن.

اڄ راتْ پـلاسـانـت ڪـيـان ڪـئـيـن "تبسم"
هـي گـهـڙيـون ڪـي خـامـوش رهڻ لاءِ تہ ناهن.

٭



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

۞

لبِ ساحل آهيان پر اُجايل آهيان
ناهي ڪا سين لبن تي پر سائل آهيان.

منهنجي رفيق رقيبن جي آ فهرست وڏي
الائي ڪهڙي مهربان جو نوازيل آهيان.

گُهٽي رکيون مان اندر منجهه اندر جون آهون
پنهنجي اڻ پورين خواهشن جو قاتل آهيان.

روبرو ويهي چيائين تہ نہ ڏس مون ڪي
ايڏيون پابنديون ڇو جيا مان بي دل آهيان.

الائي ڪنهن مون کي صحرا مان سڏ ڪيو تبسم
مون کي لڳو تہ مان آواز سان مائل آهيان.

۞



soorihsindhiadab
Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنھنجي سنگ انگ لڳي رنگ رتو آ جيون
آءُجاني مان تنھنجي ڪاڻ جھليو آ جوين.

مان سنڌ سانگ ڪيئي ڪانگ اُڏا ريا ھر ھر
جيءَ جي جاءِ تنھنجي لاءِ ڪئي آ روشن

منھنجي اکڙين ۾ نہ ماپن ٿيون اڄڪلھ مکڙيون
منھنجي اندر ۾ اچي گھر ڪيو آھي سپرين.

رات جي سانت مون کي ڪات وانگي ٿي ڪوري
نينھن جو شينھن سڄو ڏينھن کائي ٿو تن من

گهڙيءَ گهڙيءَ جو ڪائي گهاءُ
جيون سارو ئي سوداءُ

هيڪل وياڪل هلندو وتان ٿو
مَن کو پاڇو مَن پڙلاءُ

قرب ۾ کهڙي لِڪ لڪوٽي
کهڙو سِڪَ جو لِڪ لڪاءُ

اکڙيون تنهنجي آس ۾ آهن
اڄڻو آهين جي تون آءُ

تيسين "تبسم" رهندو تنهنجو
جيسين جيون جوڙ جتاءُ



sochinsindhiadab
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

کلنڌي کلنڌي رُئاري ويو هڪڙو منڙو ماٺهو
تون هئين الائي ٻيو ڪوئي هو سوڌ تو جهڙو ماٺهو

پريت ۾ پنهنجو سولو سهنجو مان تہ هو سمجهيو جنهنکي
پرسو نڪتو ڏاڍو اندر جو ڳوٽي جان ڳوڙهو ماٺهو

مرڪي مرڪي زهر جي سُرڪي ڏئي ويو دوا جي بدران
ڪين تي جاتو تہ تيندو ڪو ايئن بہ اهڙو ماٺهو

پريت لڳائي اڪ اٽڪائي قرب وڌائي مونسان
هڪ ڏينهن هُنَ مون لاءِ بہ چيو تہ ڪيرُ ۽ ڪهڙو ماٺهو

رلٽو ملٽو سهٽو سلڇيٽو ڪيڏو من مهٽو هو ”تبسم“
سادو سودو پر نڪتو سو ڪوتو ۽ ڪوڙو ماٺهو



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يلا ڪٿين نہ رنو هوندءُ جيءُ ڪٿين نہ جهريو هوندءُ
پرين پيار جو ڳانڍاپو جڏهن جو ڇنو هوندءُ

برسات جي موسم ۾ بوندن جي رم جهم ۾
منهنجاگيت ڇپيا هوندءِ مون کي ياد ڪيو هوندءُ

اڌ رات اونهاري جو سردين ۾ سياري جو
هيڪل جو ٿيو هوندين سو پيرا سڏيو هوندءُ

محيان ٿو توکي آ نفرت منهنجي نالي کان
پر پوءِ بہ منهنجو پڪ آ هر ڪنهن کان پڇيو هوندءُ

هيءَ دل آ انهيءَ دل تي اختيار نہ ڪنهنجو آ
بي وس ٿي پيو هوندين هرحيلو هليو هوندءُ

چاندوڪين جون راتيون اندر ۾ هوندءِ تاتيون
اُڌما بہ اُٿيا هوندءِ طوفان گهليو هوندءُ

سويرا سامهون سپرين ڏسي ڪنڌ پري ڦيرين
ترڇي نظر ڪري پوءِ بہ تبسم" کي تڪيو هوندءُ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner soomhsindhiadab



جيون ڪلي چو نہ گهارجي
چو روئي روئي گذارجي

هر رات اچي باڪَ تي ڪُٽندي
چو باڪ مان آسَ لاهجي

هيڏي ساري شهر ۾ لوڪو
چُپ چو آهيو ڳالهائجي

ڏک سکُ ئي تہ آهي جيون
هيانءُ چو ساتي هارجي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

موتي ٿو هارين مرڪي مارين جنهن تنهن کي سهٽا
ذاتِ خدا ڏيندو آ اهڙي ڪنهن ڪنهن کي سهٽا

تنهنجي اکين جي تهنجي پرؤن جي جوڙني آهي عجيب
ورنه اکيون ته آهن جڳ ۾ سڀ ڪنهن کي سهٽا

نظر ملائڻ دل چورائڻ ترڪان ته ڪوئي سکي
اهڙي ته اٽڪل ناهي ايندي هر ڪنهن کي سهٽا

نظر نظر سان حشر مچائن قهر اثر تن جو
گهورن گهائن "تبسم" چاهن جنهن جنهن کي سهٽا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner
soorihsindhiadab

گلن جي ڳالهہ ڪئي خارَ بيشمار مليا
تو ڪان انعام هي ڪهڙا او مون کي يار مليا

هزار دُعائون گهريون دل تہ شل بهار اچي
بهار ۾ بہ اُهي دل کي انتظار مليا

عجب طريقو هو انهن جي غمگساريءَ جو
خنجرُ هٿن ۾ جهلي مون سان غمگسار مليا

تنهنجي محفل مان اُٺي جيڪي بہ مليا مون کي
سڀئي اُداس مون کي سڀئي سوگوارَ مليا

پيار جي ناني تي دوکو مليو آهي مون کي
منهنجي اعتبار کي ماڻهو بي اعتبار مليا

چند جي چانڊ ۾ بي گهٽ نہ ٿي تپش دل جي
چوڏهينءَ جي رات پي "تبسم" زخم هزار مليا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

چانڊوڪيءَ رات جون خاموشيون مدهم مدهم
آءُ پرين ورهي ڪيون سرگوشيون مدهم مدهم

ڪانءَ ڪا بات ڪري سانت جو بت ٽوڙيون ڪٿي
ڪنهن نه ڪنهن ڳالهه تي چپ چوريون مدهم مدهم

چنڊ جي چانڊاڻ آهي هاڻ تي اڄ بارُ ڪيو
قرب واري ڪا وري ڪار ڪيون مدهم مدهم

پنهنجي منهن ساڻ ڪندا هوندا ماڻهو چا چا
اسان جي ڪاڻ چميگويون مدهم مدهم

هَلُ ته ڪنهن جهيل ڪناري هلي ويهون "تبسم"
۽ ڪيون پهر ڳالهيون پيار جون مدهم مدهم



soorhsindhiadab
Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مُرڪندڙ گل ڦل هئا پر تون نہ هئين
جشنِ گلشن هو منا پر تون نہ هئين

مکڙين جي منهن چمڻ لئہ رات پر
ماڪ جا برسيا ڦڙا پر تون نہ هئين

رات ڪيڏو شورُهو هن شهرَ ۾
چوطرف ها ڇهچٽا پر تون نہ هئين

باغ ۾ بلبل هئي پونرا بہ ها
سڀ هئا ها سڀ هئا -پر تون نہ هئين

چنڊ هو چانڊوڪين جي چاھ ۾
مون کي پيي ها پُور پيا پر تون نہ هئين

آخري لمحي تبسم جي مٿان
دوست دشمن سڀ هئا پر تون نہ هئين

*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

گهرَ جي ڇت تي چڙهندو هوندين
مون کي منا ڳولهيندو هوندين

چوڙين واريون خالي ٻانهون
ڏسندو هوندين جُهرندو هوندين

ماٺهو ڀڄندا هوندءِ منهنجو
چپ چپ هوندين روئندو هوندين

ڪليل ڪڙڪي تيز هوائون
ڀَهرَ ٻيهي سوچيندو هوندين

ٻاهران تبسم خوش خوش آهين
اندران ڀڄندو ڀُرندو هوندين

soorihsindhiadab



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

❋

اوسيئڙن ۾ اوسيئڙا
تکيو هوندين اوِ جيئڙا

آسون اميدون آهن ورنـ
ڏکيا ڪاٽڻ هن ڏينهڙا

موتي آءُ تون ماڳ اسانجي
موتي آيا هن مينهڙا

دل جي تڙ تي تنهنجون يادون
لڪ چپ پائن ليئڙا

ڇاتي اُتي آهي تو لئہ
جهاتي پائج جانيئڙا

تڙپن "تبسم" جذبا تو لئہ
سالن ڪان او سانولڙا

❋



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

*

دَرَ ديوارون پاچا تنهنجا
منهنجا ناهن منهنجا پنهنجا

سوچون لوچون پَل پراوا
راتيون منهنجيون سپنا ڪنهنجا

ڪليل ڪڙڪي تيز هوائون
جن پڙلائن لهجا تنهنجا

ڪهڙو "تبسم" حال آ تنهن جو
جذبا ناهن جهلبا جنهنجا

*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner
soorihsindhiadab

❊

تون ٻين ساڻ ملين ٿو تہ مان جلي ٿو وچان
خوش ٿي سيڻن سان کلين ٿو تہ مان جلي ٿو وچان

تنهنجي محفل ۾ هڙئي توسان ڳالهائن ۽ کلن
مون کي جهٽڪين ٿو جهلين ٿو تہ مان جلي ٿو وچان

اي منا تو کي سوا منهنجي جڏهن ٻيو ٿو چوي
تہ تون اڄ واه جو وٺين ٿو تہ مان جلي ٿو وچان

هونئن تہ بازار پيي او يار گهمين بي پرده
منهن "تبسم" کان ڍڪين ٿو تہ مان جلي ٿو وچان

❊



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

❁

اُداس لاش منهنجي تي اچي بيٺو آهين
هاڻي ڇا لاءِ چوين ٿو ته تون سنو آهين

مان ڪيڏا ڀيرا توکي خط ۾ موڪليو هو لکي
ته مان مري نه وڃانءِ مونکان ڇو رُٺو آهين

پنهنجي خاموش چپن سان مان ڪيئن چمان توکي
ڪيئن سمجهايانءِ سبرين ڪيڏو منو آهين

منهنجي ڪفن جي ڪنهين ڪنڊ سان اُگهي ڇڏ ڳوڙها
مان ڇا ڪيان جو هٿن ڪان پري ٿي پيو آهين

مان هاڻي ڪاڏهون حياتيءَ کي سڏ ڪيان پيهر
تون پشيمان منهنجي موت بعد ٿيو آهين

هاءِ تنهن وقت تبسم جي موت ڪيو ماتم
تون جنهين وقت جنازو ڏسي رنو آهين

❁



soorinsindhiadab
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڏيو تا زهر پل جان ڏيو مگر آهستي آهستي
پوي نہ ڪنهن ٻئي کي جي خبر آهستي آهستي

اوهانجي دل گُهريو آهي تہ پل پنهنجي هٿن سان ڏيو
ڪيو دل جي رضا پوري ها پر آهستي آهستي

اوهان جي هٿ ۾ آ خنجر پلي جان شوق فرمايو
ڪُسڻ کان ڪنهنکي آ نهڪر مگر آهستي آهستي

زهر کان نہ ناهي مون کي اوهان کي عرض آهڪڙو
تہ ڏيو جو ڪجهہ بہ ڏيڻ چاهيو پر ير آهستي آهستي

اوهان چو تا ڪٿو الزام تبسم خود مري ويندو
اُنهيءَ تي بند ڪيو محبت جا در آهستي آهستي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

❋

چاندوڪيءَ ۾ تون ڇو اُداس آن ڇو وار ڇوڙي ڇڏيا اٿئي
ڇوڪيا اٿئي ڪارا ويس اڄ ڇو نيڻ پرجي آيا اٿئي

پلا ڪنهن چئيو تہ تون پيارُ ڪر ايڏا هارَ ءِ سينگار ڪر
توکي ڪائي وئي ڪنهن جي نظر هاءِ ياڳ کهڙا ٻٽيا اٿئي

اُت شمع هاٿي اُجهائي ڇڏ پنهنجا دَرَ دريون تون ورائي ڇڏ
ڪير ايندو تنهنجي طرف پلا ڪنهن لاءِ دَرَ دريون کوليا اٿئي

سڄي رات ڦٿڪين ڦرين پئي مڇيءَ وانگي تڙپين لڇين پئي
خود توئي سُور گهريا هئا تبسم اُهي ئي مليا اٿئي

❋



soorihsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

❄

چانڊوڪي رات هئي تنهنجا سوين سوُر هئا
رات جي پوئين پهر تنهنجا پرين پُور هئا

رات پر ايندا رهيا لڳندا رهيا سڙندا رهيا
اي شمع ڪيڏا تنهنجا پروانا مجبور هئا

تنهنجي محفل ۾ اچان ڪجهه نہ ڪيان ۽ نہ لڳان
عجب اي يار تنهنجي پيار جا دستور هئا

گلن جي رُخ تي هئي ماڪَ ۽ مون وٽ ڳوڙها
گل ڪي ها خار مون ڪي يار جا ناسُور هئا

عشق وارو هو تبسم تڏهن مجبور هيو
حسن وارا ها پرين تڏهن تہ مغرور هئا

❄



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

❋

مون وٽ ويهي موٽڻ تنهنجو
جڻ ڪينجهر تان ڪُونج اُڏاڻي

تن جي تـڙتـي تات آ تنهنجي
ساهه ۾ تنهنجي سڪَ ساماڻي

هيلوڪيءَ مند اڇجاڻ موٽي
اڇجاڻ ها اڇجاڻ او جاني

تن تو لئه واجهائي "تبسم"
جيئن ڪو پياسو چاهي پاڻي

❋



soorihsindhiadab
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# وايون

# گيت

۽

# نظم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# سورهه سنڌي ادب

Soorih Sindhi Adab

جي لهوارو لوڪ وهي، تون اوچو وهه اوپار

صاحب خان "سورهه" ميرائي



CELL NO: 0344 3919786

Scanned with CamScanner

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

*

هٽ هٽ ۾ ڏئي ونجھ هلايو
هياھو هياھو گڏجي ڳايو

هــيـــاھـــو هـــيـــاھـــو گـڏجي ڳايو......

ڪُن ڪڙ ڪاٽ ڪري ٿو چاهي
چو ڌڌڪن تي دل ٿا هاريو

هــيـــاھـــو هـــيـــاھـــو گـڏجي ڳايو......

رت ريٽيل آ سـمـونـڊ سـمـورو
مورڙيو مانگر مڇ ڳڙ ڪايو

هــيـــاھـــو هـــيـــاھـــو گـڏجي ڳايو......

ڪنڌيءَ ڏي واجهايو چوٽا
ڪوئي نہ آ ڪنهن لئہ ٿا ڪنايو

هــيـــاھـــو هـــيـــاھـــو گـڏجي ڳايو......



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

شاهَ رسالو تنئي نہ آلو
وارو سنڌي سيپارو بچايو
هيـــــاهـــو هــــيــــاهـــو گـــڏجي ڳايو......

سِير پئي ساٽيهہ جي ڪشتي
ويرَ چڙهي وارو وارو
هيـــــاهـــو هــــيــــاهـــو گـــڏجي ڳايو......

روز ڪلاچئين ڪِيس تنئي پيو
هاءِ نہ تا چو مانگر ماريو
هيـــــاهـــو هــــيــــاهـــو گـــڏجي ڳايو......

*



soorihsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

*

مس مس تہ تنهنجي ياد سجڻ سائين هئي پرڇائي
وري ياد تنهنجي آئي..................

ڇيڙي آ وري شام تنهنجي ياد جي شهنائي
وري ياد تنهنجي آئي..................

رُت آئي وري موٽي آئيس نہ تون هرجائي
وري ياد تنهنجي آئي..................

ڪا ڪوڪَ ڪئي ڪويل ڪا ڪونج جو ڪُرلائي
وري ياد تنهنجي آئي..................

اندر ۾ اُٿي تنهنجي احساس جي ڪتڪائي
وري ياد تنهنجي آئي..................

تارن سان پريل رات "تبسم" ۽ هي تنهائي
وري ياد تنهنجي آئي..................



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

★

موٽي مند مينهوڳيءَ جي
جاني آءُ تون جـوءِ تـي ......

پنيرڪيءَ جو پاڻي وٺي هٿ ۾ ڪا شيءِ تنهنجي ڇاتيءَ جي
جاني آءُ تون جـوءِ تـي ......

نيري اُڀ تي ڪارا بادل يا ڇڳ تنهنجي چوٽيءَ جي
جاني آءُ تون جـوءِ تـي ......

جيون جاني توريءَ جڻ ڪا منڊيل مرلي جوڳيءَ جي
جاني آءُ تون جـوءِ تـي ......

★

soorihsindhiadab



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

*

هن طرف ڪان ناؤ هلي آ ايڏانهن ٽڙ تي آهي ڪو
منهنجو سڏ ورائي جو.............

نيري اُپ تي ڇانيا بادل جذبن ڪي جهلرائي ڪو
منهنجو سڏ ورائي جو.............

موجن جيڏي مستي مَنَ ڪي مات اچي تہ ڪرائي ڪو
منهنجو سڏ ورائي جو.............

لَهر لَهر ۾ پيچ پيل آ تن سان پريم پڄائي ڪو
منهنجو سڏ ورائي جو.............

موسم آهي مڪڙيءَ جهڙي ڳڏجي منڊ ملهائي ڪو
منهنجو سڏ ورائي جو.............

چنڊُ چڙهيو آ چاندوڪيءَ ۾ مرڪي نيڻ ملائي ڪو
منهنجو سڏ ورائي جو.............

هاءِ حياتي مانو پاڻي ڪنڪر ڪي اُڇلائي ڪو
منهنجو سڏ ورائي جو.............



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

*

ننڍڙي ٻالڪَ هٿ ۾ امڙ هاٿي نہ ڏي تون رانديڪو
هان وٺ ڏينس ڪلاشنڪوف.............

گوليءَ جي لولي ٻڌندو ٻٽبو تڏهن هوشو دودو
هان وٺ ڏينس ڪلاشنڪوف.............

ڪاغذ ٻيڙيءَ بدران جيجي ناهڻ سينڪارينس بم گولو
هان وٺ ڏينس ڪلاشنڪوف.............

هيءَ جنگ سنڌ جي مرڻ جيئڻ جي هاٽي ڪان ئي ساه سندرو
هان وٺ ڏينس ڪلاشنڪوف.............

وڏڙو ٿيندو پلئہ ڪندو ونيس قسم پنهنجي تج جو
هان وٺ ڏينس ڪلاشنڪوف.............

سنڌ جي دشمن سانگ ڪيو آ مذهب اوٽ وڙهي ٿو پيو
هان وٺ ڏينس ڪلاشنڪوف.............

هڪ ڏينهن سنڌوءَ ديس جو "تبسم" هٿ هٿ جهوليندو جهندو
هان وٺ ڏينس ڪلاشنڪوف.............



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner
soorhsindhiadab

ڳيا ڳيا ڳيرو ڳليءَ ڳليءَ گهات
امن آب حيات .............

سنڌين سورهن مٿان گولين جي برسات
امن آب حيات .............

ڪلاشن جا برسٽ رَتُ ٻلڪيل وات
امن آب حيات .............

لاشن جا انبار ننگو هٽ ۾ ڪات
امن آب حيات .............

لطيف آباد لتڪيل، لاشا ساري رات
امن آب حيات .............

*

جاني! ياد ٿئي ڇيو هنيه ڪلهن
تہ موٽي ايندين مونکي ٽلهن
پوندا سانوڻ مينهن جڏهن
موٽيا ساڳيا مينهن موٽي آءُ ني!
جاني! ياد ٿئي..............

ساري ساري رات جاڳان
ستارن سان گڏ جلان مان
چڪن چاڪَ چانڊوڪيءَ ۾
جاني! جلي منهنجي ساري جواني
جاني! ياد ٿئي.............

جيئن پياسو پاڻيءَ لاءِ پٽڪي
يا سپ بوند لاءَ ترسي
تيئن تو لاءِ اکڙيون تاساريون
جاني! توريءَ کهڙي زندگاني
جاني! ياد ٿئي.............

ڪليل ڪليل وارَ منهنجا
سُڃا سڀ سينگار منهنجا
”تبسم“ اُهي ئي اوسيئڙا
جاني! ساڳي هينئين کي حيراني
جاني! ياد ٿئي.............



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
soorihsindhiadab

*

سونهن سَوري ڏنو
پيارَ جُهومي ڪنيو
سانجهه مرڪي پئي
تانگهه تڙڪي پئي

هن به اوتي پئي
مان به پيتي پئي
باک تائين بنهي
اوتي جوتي پئي
نيڻ ڪُرڪي پئي
سانجهه مَرڪي پئي....

هي ءُ ته مڌ آ مگر
ڪجهه به ڏي ميت ها
عشق ٻوٽي اکيون
تنهن کي ڏي گيت ها
ساک سُرڪي پئي
سانجهه مَرڪي پئي....

هُنَ ڏيڻ بند ڪيو
مان نه نهڪر ڪئي
عشق آتو رهيو
حُسن ڪرِ ڪرِ ڪئي
باک نَڪَريَ پئي
سانجهه مَرڪي پئي....



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

★

جنگ آ توسان جنگ آ
سنڌ جا ويري جيئڻ اسانجو
ڪيو تو ڇو تنگ آ.........

لاهڻ طوق گهران ٿو پنهنجا
جيئڻ جا حق گهران ٿو پنهنجا
امن پرستي دنگ آ.........

صدين کان پيڙيو ويو آهيان
تڏهن تہ باغي ٿي پيو آهيان
امن پرستي دنگ آ.........

ڪنڊ ڪنڊ منجهان اُٿي پئي آ
سنڌ "تبسم" ٻري پئي آ
هٿ هٿ ۾ هڪ چڻنگ آ
جنگ آ تو سان جنگ آ.....

★



soorhsindhiadab
Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

*

جاڳان جاڳان ساري رات
تنهنجي تانگهه تنهنجي تات
اچي ڪٿي پريات
ايندين نه ايندين هيل سانورا
اومن بانورا ........................

پوي ڪَڻِ ڪَڻِ تي جيئن برسات جي
دل کي ڇهنديون وڃي تنهنجي ياد تي
هلڪي بوند برسات - مٿان چوڏهينءَ جي رات
ايندين نه ايندين هيل سانورا
اومن بانورا ........................

سڄان رات سڄي چند چانڊاڻ ۾
هُريِن هر هر ٿو منهنجي هاڻ ۾
اچي پائي وڃ جهات رڳو وائي تنهنجي وات
ايندين نه ايندين هيل سانورا
اومن بانورا ........................

*



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

✶

آءُ سهڻا سرنهن جي ڦولارَ ۾
پيلن پيلن گلن جي قطار ۾
ڪويل ڪوڪي ڪائي لات من گهري ملاقات
ايندين نہ ايندين هيل سانورا
اومن بانورا ........................

پؤنرُ "تبسم" چُمي رابيل کي
مور هنج تي ڪنيو آ ڏيل کي
لڇيُ پڇي جذبات سمجهہ سپرين تون بات
ايندين نہ ايندين هيل سانورا
اومن بانورا ........................

✶



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner
soorihsindhiadab

چانڊوڪيءَ سان توکي وهنجاريان
سج جي ڪرڻن سان سينگاريان
مطلب تہ سهڻا سپرين توکي مان
ڻاهيون ڻاهيان ..........

ٻٽجي پٽي تنهنجو آئينو
سامهون جهليانءِ پنهنجو سينو
من ڪڏهن مون ڏي پي
ڏسين تون پيار مان
مهڪي پوان
ڻاهيون ڻاهيان..........

چوٽي ڪرين تہ چنڊ اُبري
وارَ چوڙين تہ شام تي پئي
تون ئي تہ آهين
صبوح سانجهي منهنجي
سچ تہ چوان
ڻاهيون ڻاهيان..........

مرڪي ڏسين تہ مکڙيون مرڪن
توکي ڇهي گلاب مهڪن
تون ئي تہ آهين
سپرين منڊ بهار جي
ها جان ـ جان
ڻاهيون ڻاهيان..........



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ھا نڪ جي ڦُليءَ جھڙو
ڪٿي آ نصيب منھنجو اھڙو
تنھنجي ڪن جي واليءَ جھڙو

يا مان ھجان ھا ململ جو چولو
پائين ھان پنھنجي بدن تي
يا مان ھجان ھان پازيب تنھنجي
پيو تہ چماڻ ھان پيرن کي
يا گُل تيان ھان سڳيءَ جھڙو
ڪن جي واليءَ...............

يا تہ ھُجان ھان چوڙيون جو
سنگ مرمر جھڙيون ٻانھون چھان ھان
يا تہ ھجان ھان چلڙو پڇاڙيءَ
چيچ ۾ پيو تہ ھجاڻ ھان
ناھيان ٻنڻ ڳڇيءَ جھڙو
ڪن جي واليءَ...............

اي ڪاش تنھنجو سپنو ھجان ھان
ساري رات سوچين ھان مون کي
يا مان ھجان ھا آئينو "تبسم"
ھر ھر ڏسين ھان تون جنھن کي
ناھي ڀاڳ ٻنھي جھڙو
ڪن جي واليءَ...............



sooriisindhadab
Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سهڻا ڪيئن مان توکي وساريان
تون ئي چئه مان دل پنهنجيءَ کي
ڪيئن ڀلا سمجهايان ...........

گُل جيئن ٽاريءَ مان پنجي پئي
يا ڪنهن ساز جي تار ڇجي پئي
تئين مان توريءَ ڪوماڻل ۾
جڻ اڌپورو آهيان ...........

مون کان ته چنڊ جا ڪرڻا چڱا هن
رات سڄي توکي چُمندا هن
ڪاش مان چنڊ جو ڪرڻو هجان ها
توکي چمان ۽ ڇهان هان.........

جئين منجهر پرجي اُٿلي پئي
يا ڪنهن واه جو بند ڀڄي پئي
تئين اڄ جهل تي پيون هن اکڙيون
ڪيئن چُپ تن کي ڪرايان.......

آءُ سمورو جڳُ اورانگهي
تبسم هرهر تولاءِ تانگهي
ڪاش مان اڏري پهچان تو وٽ
ڏکڙا توکي ٻڌايان........



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

گهورَ وجي تـوتـان مـاءُ
ڏرتـيءَ جـي ٿـئيـن ايَلَ
اوڪـــيءَ ويــل ابـــل

وڏڙو ٿـي وِڪَ ڪـٽـيـن
هـڪ هـٿ ۾ جهنڊو جهلين
ٻئي هٿ جهلجهانءِ رائيفل
گهور وجي توتان ماءُ......

ٻـاتـي زبـان سان نعرو هڻي
وڏنـدو رهـجـانءِ راڄ ڏٽـي
آزادي رڪجانءِ مـنـزل
گهور وجي توتان ماءُ......

مـچـن جـي سـاول لهـنـدءِ
ماءُ هـتـيـن مـيـنـدي هـڻـندءِ
مـوڙ ٻـڌي ڏيـنـدءِ مـوڪل
گهور وجي توتان ماءُ......

رَتُ گاڏڙ تـج منهـنـجي
لاهي "تبسم" اُڃ تنهنجي
پـونءِ سجي رَت ريـٽـيـل
گهور وجي توتان ماءُ......



soorihsindhiadab
Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڌرتي جيجي آ
جيجي ڌرتي آ
ٻنهي سان منهنجو رشتو
ٻنهي سان منهنجو ناتو
اصلي ازلي آ

جنم ڏنو آ جيجيءَ مون کي
ڌرتيءَ تاتيو آهي
ٻنهي جو حق آ
منهنجي جسم تي
قرض ٻنهي جو آهي
جان ڏئي مان قرض چڪايان
تہ بہ جڻ ڪائي ڪمي آ......

گوليون خوليون ڏندي ٻيڙيون
قيدَ زنجير ۽ ڪوڙا
ڪيسين رهندا هيسيل هيسيل
سنڌي گونگا ٻوڙا
هيڏا ظلم سهڻ ڪانپوءِ چپ
ڏاڍي ڏکي اهنجي آ..........

soorathsindhiadab



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لال لهوءِ ۾ وهنجي سهنجي
اڳتي وِک وڌايو
ڳليءَ ڳليءَ ۾
چونڪ چونڪ تي
هٽو ديس جو نعرو
مرڪي سرڪي اچو مقتل ڏي
جيجيءَ جهلي جَهولي آ......

جيڪو ماڻهو يونءِ پوڄاري
سو ڏاڍو ڏوهاري
قاسيون قندا مقتل ناهيو
قوم غدار آ ساري
تر بر جهنگ جهر
"تبسم" گهر گهر
باه اُٿي پڙڪي آ
ڌرتي جيجي آ -جيجي ڌرتي آ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

جُھول جواني جھول
ٻِلي ٻِليءَ ۾ ٻُڌڪيو آهي
چاهت جو چوٻول
جُهول جواني..................

ساجن ساڳيو جوڀن ساڳيو
مون کي اُها چو موت نہ ٿا ڏيو
جواني ماٽين ڏي ڪٽي هاٽي
ٿهڪن وارو ٿول
جُهول جواني..................

پيار جي مان ٻانهن ۾ آهيان
تڏهن اُفق تي ٿو لهرايان
ڪنهن ڪنهن کي هاٽي سمجهايان
ناهيان مان ناهيان رولُ
جُهول جواني..................



soorihsindhiadab
Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇا جون سوچون ڇا جو اُلڪو
ڇپ ڇو آهيو ڇو نتا پٽڪو
هي جواني آهي جاني
اڻ لڀ ۽ انمول
جُهول جواني..................

ٿڪ تارين ۾ ٽڙيا آهن
تارا اُڀ ۾ ڪڙيا آهن
اُجيارن جي ٿانداڻن ڪي
ڦولارن ۾ ڦول
جُهول جواني..................

پاڻ سنڀاليو پاڻ ئي تاتيو
هِنَ هُنَ جي هٿ ۾ ڇوٿا ڏيو
ٻين ڪان تبسم ٿي نہ وجئي گم
ٿيئي نہ ڊانواڊول
جُهول جواني..................



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

چانڊوڪي شب آئي آهي
ساجن مرڪي آءُ اڱڻ تي
جندڙيءَ ياد جلائي آهي

رات لڙي آ باک ڦٽي آ
تنهنجي اچڻ جي آس ٽٽي آ
روئي رات وهائي آهي

قول ٽڙيا آهن چوڏاري
منڊ بہ چانئي پياري پياري
سُرهي سيج سجائي آهي

آءُ تہ مون وٽ خوشبو مهڪي
چوڏاري چانڊوڪي چمڪي
برکا رُت لهرائي آهي



sochinsindhiadab
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

باڪ تہ ڪجھہ تون ٻول
چپ چو آهين چا تو چاهين
چپڙا ڪجھہ تہ ڳول

جذبا سڀ وٽ ناهن جاني
ڪا ڪا پيارُ ڪري ٿي جواني
عشق تہ آ انمول
چپڙا ڪجھہ..............

سيئي توکي سونپيا آهن
جيڪي مون کي مليا آهن
پريتم پيار جا جهول
چپڙا ڪجھہ..............

ڏرتيءَ يا ٽيپهريءَ جو
سج اُڀري يا سومهڻيءَ جو
تو لئہ تبسم رول
چپڙا ڪجھہ..............



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

نيڻ وهن پرپور
پلپل تنهنجو پورُ
او سهڻا سائين.........

رات گذاريان تارا ڳڻيندي
ڏينهن سجومان راه تڪيندي
محبت ڪيو مجبور........

دارون دوا ۽ ڦوڪون ڦيڻا
حالَ ڪري ويا ويتر هيڻا
مرض لڳو بي پير.......

سُور مان توکي ڇا سمجهايان
ڪولي "تبسم" دل ڏيکاريان
نينهن سندو ناسور........



soonhsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مان سپنا ڪٽي آيو آهيان
ارمانن جا احساسن جا
انبار ڪٽي پهتو آهيان

ڪجهه جاڳيل اکين جا سپنا
جي ڪربِ جي راتين ۾ نپنا
سي ميڙي چوندي او سائين
تو وٽ اچي نڪتو آهيان

مان ڏينهن جو ٿڪي ٿڪي
۽ راتين جون راتيون جاڳي
خواهشن جي صليب تي ڪوڙ دفعا
لاوارث ٿي لٽڪيو آهيان

هي سپنا منهنجا جيون سپنا
جي اڄ توکي آڻي مون ڏنا
اٿئي عمر سڄيءَ جو سرمايو
جو ساندي مان ٽڪيو آهيان

اوجاڳيل اوجاڳيل اکڙيون
جذبن جي نمائش لاءِ سنبريون
اندر جون اٿاه پيڙائون ڪٺي
توسان اچي مليو آهيان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

رنگ پريل هن رات ۾
بوند پري برسات ۾
آءُ سانورا سانت ۾

پيارُ جي ناهي
تنهن پوءِ آهي
سُج سجي ڪائنات ۾...

توني سجايا
جيڪي آيا
سپنا ساري رات ۾....

جيءَ جهروڪا
تو لئه آتا
جيون تنهنجي جهاتِ ۾....

رات سموري
ننڊ اڻپوري
تبسم تنهنجي تات ۾.....



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner
soorihsindhiadab

ڪجهه تہ ٻول

ڇپڙا کول

منهنجو رنگ ۽

روپ نہ رول

منهنجو رنگ ۽........

جا تئون نڪران

تو وٽ پهچان

پڪ ئي پڪ

ڏرتي آ گول

منهنجو رنگ ۽........

تنهنجي منهنجي

چاهت وارو

چئنين پاسين

آ چوٻول

منهنجو رنگ ۽........

تو سان گڏ جان

مرڪان خوش ٿيان

توريءَ تہ مان

ڊانوان ڊول

منهنجو رنگ ۽........



Scanned with CamScanner

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چنڊ ٻاڙهو اڃــان
نا ڪٺا ننڊ نہ ڪَڄُ
...............

رات آهــي يــنــي
ڪنهن لولي ڏنــي
ڪتان ڪنگهڪر اُٿي
ڪنهن گهڙولي ڏنــي
جاڳي پاڙَو اڃان....

ديــسَ جي دَرد ۾
ڪــو ڪلاڪَارُ آ
هــٿ ۾ جهنڊو کَڻِيَ
ڪــيــتــرڙو بــارُ آ
چئبو ڇاڙهو اڃان....

پــل ونــيءَ جو ڪُنيو
گهوٽَ ڪــي اوڏجــو
پــر تـڏو پــوءِ ڪجــو
پهريان ڏَڪَ ڦولجو
مُنهنَ اُگهاڙو اڃان....



soorhsindhiadab
Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ديسَ دروهين ۾
ڪوئي مانداڻ تي
پونءِ ياڙين جي پَلُ
تہ ڪا چندَ چاڻَ تي
لوءِ لوڙهَو اجان.....

جيسين سُورَجُ ٻري
تيسين سَهڪو متان
هُڙڪَ هلَندا هلو
ڪٿي ٻيهو متان
ڪوءِ ڪُجاڙو اجان....

جنهن مهل جُوءِ تي
جنگ جي جهونگار تي
تنهن گهڙيءَ "تبسم"
هڪ ٿي هونگار تي
رُج ۾ راڙو اجان
چندُ ڳاڙهو اجان....



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪيُرتڙَ ڪارو نہ ٿيو
ڏوليا..........

روز ڪاري ٿئي وني
وَرُ ڪڏهن ڪارو نہ ٿيو
ڏوليا..........

هميشہ ڪنني تي ڪالُ
نُڪَ تي، وارو نہ ٿيو
ڏوليا..........

ڇاتيءَ اُبهم ٻارڙو
شُو تي ڇيڪارو نہ ٿيو
ڏوليا..........

اوٻاڪين پنجي ويو
هيل ڪو پارو نہ ٿيو
ڏوليا..........

پنهنجيءَ ۾ پورو رهيو
اوپارو لنهوارو نہ ٿيو
ڏوليا..........

ٻن روپين تي جيئي ماڻهو
ٻُڪَ تي نعرو نہ ٿيو
ڏوليا..........

رات ويجهڙ جي سُجهيوَ
ڦُرِ ڪٿي ڏاڙو نہ ٿيو .
ڏوليا..........



soorihsindhiadab
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

برانـدي اوتـي چـيـائيـن
هيل چو سيارو نـہ ٿـيـو
ڏوليا..........

هڪ رلهي ٽڪـهـہ سـجـي
ڪوِ سمهڻ هارو نہ ٿيو
ڏوليا..........

مينهو ڳيءَ ۾ چاڪي سانيي
ڪا مـٽـيءَ ڪاہارو نـہ ٿيو
ڏوليا..........

جـهـوپـڙيءَ جـي لاش لاءِ
ڪـو غُسل ڏيـڻ وارو نـہ ٿـيـو
ڏوليا..........

حـويـلـيءَ هـر رات چورُ
پـيـرُ پـَر سـيـاڻـو نـہ ٿـيـو
ڏوليا..........

روز تـبـسـم سـنـڌ تـي
لاٿ تـي تارو نـہ ٿـيـو
ڏوليا..........



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيسيتائين لهي
سڄ وري سمونڊ ۾
تيسيتائين متان
سَهڪي پُنو ساٿيو
هُـڙڪ هلندا هـلـو
ڏڳُ ڪـٽائـيـندا هـلو

اُيـو ڳـاٽـو هـجـي
اُپيون ٻانهون هـجـن
منزلن ۾ ڪُـتلَ
ها نِـگاهون هـجـن
حـوصـلـو حـوصلـو
ڏڳُ ڪٽائيندا هلو
..............

ناهِ ڏسـٽـو بيهي
آر ڪـان پـارَ ڏي
ها هلو ڊاهـيـندا
دوکي ديوار کـي
وِڪَ وِجهو ورَ وجهو
ڏڳُ ڪٽائيندا هلو
..............



soorihsindhiadab
Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان محيبان تو سُيان
ٿيندو آهي مگر
اڄُ گُهلي تو ڏکڻ
سُيان لڳندو اُتر
پنڌُ پڄائيندا هلو
ڏِکُ کٽائيندا هلو
...............

راتِ جي پَهرَ ۾
پيرو ڪيئن ڳولهبو
چنڊُ چِٽو آ مگر
سِجَ گهٽو سوجهرو
ڏِرڪو نہ ڏِاتيو
ڏِکُ کٽائيندا هلو
...............
هُڙِڪ هلندا هلو
..................



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

آءُ نياڻيون
چالاڪ ڦٽايونِ
جيونُ جيڪي ڏينهڙا ......

آءُ نئين سر
لالڻ لايون
نت نوان ڪي نينهڙا
جيونُ جيڪي ڏينهڙا ......

بادل برسن
ڪنوڻيون ڪڙڪن
موڙيا آهن مينهڙا
جيونُ جيڪي ڏينهڙا ......

نيڻ سدائين
تولڻ سائين
لڪ ڇپ پائن ليئڙا
جيونُ جيڪي ڏينهڙا ......



soorinsindhiadab
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

جي سونهن نہ پيئنديون تہ
سمجهان ٿو مري وينديون
سڀ منهنجيون ڪوِتائون

هيءَ رات ڪٽي ويندي
ٻي رات لڙي اِيندي
نہ ڪٽنديون نراشائون

چنڊ وانگي ليئو پائي
ڪنهن رات اچين چاهي
ساريان ٿو توکي آئون

ڪوِتائون امر ڪرتون
آءُ سونهن مون ۾ پرتون
رنگني وچ رچنائون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ماٿي لايان يا چمان مان
اي سنڌو تنهجي مٽي
سر نمايان لڱن لايان
اي سنڌو تنهجي مٽي
مـــاٿـــي لايـــان.........

تنهجي آزاديءَ جي لئہ
مرڪي مرڪي ساھ ڏيان
وار ڪو توتي ڪري
سو پلا مان ڪيئن سهان
سر ڏيان پر ڪين ڏيان مان
اي سنڌو تنهجي مٽي
مـــاٿـــي لايـــان.........

خوشبو تنهجي خاڪ جي
مشڪ عنبر کان مٿي
چيا پڄن رابيل موتيا
مهڪ جا تومان اُتي
ميندي‌ءَ بدارن مان لڳايان
اي سنڌو تنهجي مٽي
مـــاٿـــي لايـــان.........

موت "تبسم" اچڻو آهي
ماڻهوءَ کي نيٺ مرڻو آهي
ظلم سان جنگ جوٽي رکجي
جيڪو دم هت جيئڻو آهي
مرندي مرندي شل ملهايان
اي سنڌو تنهنجي مٽي
مـــاٿـــي لايـــان.........



soorthsindhiadab
Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجو ڏوهه نه آ
منهنجو ڏوهه نه آ
مون ڏن جي عيوض
ڌرتيءَ سان ڪوئي به
قبوليو ڏوهه نه آ
منهنجو ڏوهه نه آ.......

جو نجُ آ بج هن ڌرتيءَ جو
ڪو ڦيرُ نه تنهن ڦرَ ۾ هوندو
جنهن پوءِ ڪئي پيوند ڀاچي
سو ڪيئن نه سنڌُ ڪري ٻيهندو
هن سون برابر اي سڀائين
ڪڏهن به ٿيو ڪو لوهه نه آ
منهنجو ڏوهه نه آ.......

جڏهن به ڌارين دوکي سان
جيجل کي هٿڪڙول وڌا
تڏهن ڪاتي ڪنڌ هزار ويا
جڏهن ڳات ڳهر مان چرڪي پيا
ڪيئن گهور نه ٿيندا گهوٽ اُهي
مايا جو جن کي موهه نه آ
منهنجو ڏوهه نه آ.......

اهڙا پيي مانجهي مڙس هيا
جي مٽيءَ ساڻ ملهائي ويا
مرڻا سي اُهي ماڻهو ناهن
جي سچ لئه سيس ڪپائي ويا
جنهن هوڏ ڪئي حق لئه هردم
سو موت ڪان مرڻو ساهه نه آ
منهنجو ڏوهه نه آ.......



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

توکي جيءُ جيءُ جيءُ چوان
تون ئي چئہ توسان ڪيئن الان
توسان جنم جنم جو
سات آ جيجي
سو مان ڪيئن ڇنان
توکي جيءُ جيءُ.........

تنهنجيون وستيون تنهنجيون بستيون
شل ايئن ئي وسنديون رهن
تنهنجي ڪينجهر تنهنجي منڇر
ڪارونجهر ڪشمور جيئن
توتان گهور وڃان تو لاءِ جيئان مران
توکي جيءُ جيءُ.........

سنڌ سنڌ تي يا ڪنڌ تي
پلُ ڪات هزارين ملن
تہ بہ توکي ها توکي
پوءِ پي جيءُ جيءُ جيءُ چون
پلا ڪيئن مڙان ايڏا ڪيس ڏسان
توکي جيءُ جيءُ.........

تن جا تہ اي "تبسم"
چو نہ ڪنڌ ڪپي ڇڏجن
جي ڪائي ڌرتيءَ جو
ڌرتيءَ ڇاين سان وڙهن
تن سان چو نہ وڙهان
ڪاتن سان ڪُهان
توکي جيءُ جيءُ.........



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڏرتيءَ جا زنجير جي
اي پٽ نہ مان ٽوڙي سگهان
تون اٿي ها تون اٿي
اهو قرض منهنجو لاهجانءِ
ڏرتيءَ جا..........

هاءِ ڏرتيءَ جا ڏٽي
ڪلاشن ڪٽي پنهنجا ڪُهن
روز اغوا ۽ قتل
سنڌين هٿان سنڌي ڏسان
ڏرتيءَ جا..........

ماءُ آ مٽي ۽ مٽي
ماءُ آ اي مينڌرا
ماءُ جي تون سينڌ لٺ
سِر حرڪي پنهنجو گهورجانءِ
ڏرتيءَ جا..........

کهڙو منهن ڪٺندين جڏهن
ڏرتي چڪيندءِ فيصلو
چا ڏيندين ورندي جڏهن
پنهنجا پڪاريندءِ مٽان
ڏرتيءَ جا..........

وڙهندي وڙهندي جي ڳيا
تي پٺين صفا سرويچ تون
وڙهندي سنڌ جي سرزمين کي
آخري سجدو ڪجانءِ
ڏرتيءَ جا..........

ڪارونجهر جي چوٽ جيڏا
گهاءَ ڪائين گهوٽ جي
تہ بہ تبسم سورهن جان
سيني کي سامهون ڏجانءِ
ڏرتيءَ جا..........



soorhsindhiadab
Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيجل جهلي آهي جهولي
ساري ڏيهه ڏکاري
جنهن جي ٻولي
سنڌي ٻولي قومي ٻولي
جيجل جهلي آهي.........

ڌَنُ مکڻ لِکين مَنُ هن جنهن جا
پيرين اُگهاڙا چو پٽ تنهن جا
چو چيڙهيون ٿيل تنهن جي چولي
جيجل جهلي آهي.........

ڪير ٻوليءَ لاءِ ڪنڌڙو ڏيندو
جيجل ماءُ جو جهولُ ڀريندو
ڪير ڪائيندو سيني گولي
جيجل جهلي آهي.........

ڌوڙ پئي سا ڌاري ٻولي
تبسم پنهنجي سنڌي ٻولي
"ب" "ٻ" "ت" صفا سولي
جيجل جهلي آهي.........



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

كارونجهر جي ڪورَ تي بيٺي رني
رت ۾ ريٽيل سنڌڙي چوري چني
چوري چني..................

روز هڪ • راجيش پنهنجا تا ڪُهن
روز اُجڙي سنڌين هٿان سنڌ جي وني
سنڌ جي وني...............

جهولي گوليءَ سان خالي ٿو ڪرين
شل مَرين ماءُ جي ڪرين هنجَ ٿو سُڃي
هنج ٿو سڃي...........

روز پنهنجن جي هٿان ڪُسجن پيا
سنڌين ڪي "تبسمَ" ڪنهن بددعا ڏني
بد دُعا ڏني...............

---

• راجيش
(لاڙڪاڻي جو معصوم جنهن ڪي سنڌي قوم جي فردن ان لاءِ ڪُتو جو ڪين تاوان جا پيسا نہ مليا .......)



soorihsindhiadab
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

سنڌ جي سونهن لاءِ
جيڪو جيڪو ڪٺو
تنهن لاءِ جهولي جهلي
هينئن جيجيءَ چيو
شال جُڳ جُڳ جيئو
سنڌ جا وارثو........

ڪي تہ اهڙا بہ
مڙس ڪنڌار هئا
جن جي سنڌ سنڌ تي
گهاءَ هزار هئا
پوءِ بہ پي چوندا رهيا
تہ اڄان اڳيرو
شال جڳ جڳ جيئو......

روز ڪُسجن سنڌي
روز آ ڪربلا
ڪيسين همو طنو
خاموش رهندوءِ پيلا
اُٿو پلئہ ڪري
منهن متانهون ڪيو
شال جڳ جڳ جيئو ......

پنهنجي ءَ ڌرتيءَ تي
پنهنجو جيئڻ آ زهر
هاءِ ويڌن هيڏي
هاءِ هيڏو قهر
پنهنجي گهرَ ۾ "تبسم"
گهر ڏٺي اوپرو
شال جڳ جڳ جيئو.......

شامَ لٿي جو شرمائين ٿو
سانجهہ وَرَي او سانورا
آءُ هلي آءُ بانورا......

پُنڻ پُنڻ رات پنيءَ جو پُٽڪن
مَنَ جا مَنَ سان مامرا
آءُ هلي آءُ بانورا.....

چوڏاري چانڊوڪيءَ جا
چانيا آهن چانورا
آءُ هلي آءُ بانورا......

سانجهيءَ سمئہ ساروٽيون
ساه منهنجي کي سانورا
آءُ هلي آءُ بانورا......

اُڏما آڏي رات جو
اڄ ٻ تو لئہ اُتامرا
آءُ هلي آءُ بانورا......



soorhsindhiadab
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

هيتري بات تي
هيءُ تون ڇا ٿو ڪرين
روئين ٿو رات تي.....

تون او ڳيرو
ڳهيلو تي ڏُرڪي نہ پئہ
رات ويندي لنگهي
سياڻا سُڏڪي نہ پَئہ
مُرڪَ سڪُ مات تي
روئين ٿو رات تي.....

سج لٿي سانجهہ ۾
لُڙڪَ لاڙين رڳو
دانهن ڪر درد جي
اُڀ ڇو ڏارين نٿو
ڇا اٿئي واتَ تي
روئين ٿو رات تي.....

ساٿي سهڪي نہ پئہ
وات واري سهي
جنگ جاري رهي
رات ڪاري سهي
پَهُچ پريات تي
روئين ٿو رات تي.....

وات آهي وڏي
پيچرا پيچرا
هيانءُ هارين متان
حوصلا حوصلا
غم نہ ڪر گهات تي
روئين ٿو رات تي.....

ها "تبسم" سُيان
ڪو نئون بيو ڪوي
گيت ڇوندو نوان
ڪاڪ پوندي ڏهي
ڏرت َ ناهہ ذات تي
روئينَ ٿو رات تي......



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

تــون چــانءِ ڏئــيــن
مــان هــانءُ ڏيــانءِ
کهڙي توکي ڪَسُ وو يارَ

تــون نــيــنــهــن ڏئــيــن
مــان نــانءُ ڏيــانءِ
کهڙي توکي ڪَسُ وو يارَ

ڪُنبُ اوڍ لهوءَ سان
لانءَ ڏيــــانءِ
کهڙي توکي ڪَسُ وو يارَ

جَــلُ اوتِ جَــهــلِ
هان تانءُ ڏيــانءِ
کهڙي توکي ڪَسُ وو يارَ

ڀيجل سينَ ڀين ڪي چو
اڄ آئــون ڏيــانءِ
کهڙي توکي ڪَسُ وو يارَ



soorilsindhiadab
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ياد ڪيو هوندءُ
...............

سمنڊ ڪناري
ڪنهن شام ڏاري
سِجُ لٿو هوندءُ
ياد ڪيو هوندءُ......

گل کي پُونرو
چمندو هوندو
هَٿُ مهٽيو هوندءُ
ياد ڪيو هوندءُ......

رات پنيءَ جو
پلئُ پوتيءَ جو
پسُي پيو هوندءُ
ياد ڪيو هوندءُ......

سمهي پٿر ۾
چنڊَ جي پر ۾
تارو تڪيو هوندءُ
ياد ڪيو هوندءُ......

مارچُ مهينو
پورن وهيٽو
ڪيئن ڪٽيو هوندءُ
ياد ڪيو هوندءُ......

مَاڪَ تي ڇرڪي
ڱلَ تي هٿ ڏئي
ڇڏ ڇڏ چيو هوندءُ
ياد ڪيو هوندءُ......

اڄ لڳي تو
”تبسم“ کي ڪو
خَطُ لکيو هوندءُ
ياد ڪيو هوندءُ......



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪُنن منجهہ ڪڙڪاٽ
گـونجـن تـا گجگاٽ
پوءِ ٻي گيت اڪيلڙا.....

هـيـڏو وڏو ڏيـهہ
هيـڏا اوچـا ڳـاٽ
پوءِ ٻي گيت اڪيلڙا.....

جنهن دڳِ منهنجي جهوپڙي
سـائـي سـامُـيـن واٽ
پوءِ ٻي گيت اڪيلڙا.....

ڪـويءَ ڪالـهہ ڪـئي
جهونجهڪڙيءَ تائين جاٽ
پوءِ ٻي گيت اڪيلڙا.....

اَسُرَ تائين اندرَ کي
ڪاٽن مٿان ڪاٽَ
پوءِ ٻي گيت اڪيلڙا.....

چارئي پَهرَ چونـڪ تي
چَـپَـن جـا چيـڪاٽ
پوءِ ٻي گيت اڪيلڙا.....



soorihsindhiadab
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪينجهر، ڪارونجهر ڪيا
ڪُوڪُون ۽ ڪيهات
پوءِ ٻي گيت اڪيلڙا.....

ڳيرو ساري ڳوٺ جا
ڦٽڪيا ڦاسي گهات
پوءِ ٻي گيت اڪيلڙا.....

ٻُٽڪي ساري ٻونءِ
صبوح تائين سُرِباتَ
پوءِ ٻي گيت اڪيلڙا.....

ٻبرن ڇاٽيا پلڙا
ٻيلن ۾ ٻيڪات
پوءِ ٻي گيت اڪيلڙا.....

گهر گهر "تبسم" لاشَ
گهر گهر گولين ڇاتَ
پوءِ ٻي گيت اڪيلڙا.....



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

چنڊ ڏي مون کي ڏسُ
ڪڏهن ڪٽبو قفس
ياڳيريءَ پونءِ جو.....

شاه عنايت شهيد کي چئجُ تہ
گم ٿيو آهي گسُ
ياڳيريءَ پونءِ جو.....

اڄي چنڊ پاسج پٿائيءَ کي
جيئن جو تيئن عڪس
ياڳيريءَ پونءِ جو.....

راهبر راهزن ٿي پيا راهہ جا
ڪنهن کي ڪهڙو ترس
ياڳيريءَ پونءِ جو.....

هو ڪلاشن جي ڪَڙِ ڪَڙ تي "تبسم"
روان آهي رقص
ياڳيريءَ پونءِ جو.....



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
soorihsindhiadab

رات جو توکي رُئندي منڙي
مان جي ڏِسان هان
سَپ مان تنهنجا لُڙکَ پيئان هان

کيرايان هان کيئن موتين کي
جَهولُ جهليان هان
سَپ مان تنهنجا لُڙکَ پيئان هان

چَندَ رُلايو هوندءُ ها نہ؟
ڪاش پڇان هان
سَپ مان تنهنجا لُڙکَ پيئان هان

تنهنجي نيڻين نير ڏسي مان
چا نہ ڪيان هان
سَپ مان تنهنجا لُڙکَ پيئان هان

”تبسم واريون سپ تخليقون
توکي ارپيان هان
سَپ مان تنهنجا لُڙکَ پيئان هان



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ دفعو لکيو پڪو دل تي تنهنجو نانءُ
تنهن مٿان مان ڪيئن لکان ٻئي ڪنهن جو نانءُ

بهار واريءَ مند جو آهين ٻيو جڻ نانءُ تون
گرمي سياري رات جي ڏرتتيءَ جو ڇانءُ تون
تنهجي روپ تي رکيو هر ڪنهن پنهنجو نانءُ

دل جي ڌڙڪڻ ۾ تون توَن ئي ساهه ساهه ۾
ٻيو ڪوئي سمائجي نٿو منهنجي نگاهه ۾
تنهنجو ئي ڪٿي زبان ڪٿان مان ٻئي جو نانءُ

چانڊوڪيءَ جي رات ۾ چنڊ جو احساس تون
گُلَ ٽڙڻ جي مند ۾ مکڙين جي آس تون
ماکَ مرُڪ آ تنهنجي سونهن تنهنجو نانءُ

ڪجھه نٿو گهران توکان تون ڇو آهين سوچ ۾
ايترو تبسم ڪي ڏي فقط وفا جي موٽ ۾
هڪ دفعو تون ڪڻ پنهنجي چپن سان منهنجو نانءُ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ساڙيندي ساڙيندي ساڙيندي
هيءَ چنڊ جي چاندوڪي
مون کي ساڙيندي
ساري رات جلان جاڳان
تنهجي ڪاڻ لڇان ڦٿڪان
ماريندي ماريندي ماريندي
هيءَ هيڏي جُدائي مون کي ماريندي

جيئن جيئن چوڏهينءَ جي رات چڙهي
تيئن تنهنجيءَ ياد جو چنڊ ڪڙي
ڪيڏو هيڪل هيڪل آ جيون
اکين مان ڳوڙهن جو مينهن ڳڙي
هيءَ رات منا مون کي توکي سوا
پلپل پيئي تڙپائيندي

مان ناهيان ٻڻ تنهجي چولي جو
جو تون سيني ساڻ رکين مونکي
مان ناهيان گلاب جو گل جو تون
ڪٽي چوٽيءَ منجهه هڻين مونکي
نہ مان عڪس آهيان نہ ئي آئينو
مونڏي ڪير ڏسي شرمائيندي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

اي ڪاش مان جيڪر چنڊ هجان
تنهجي اکڙين مان اُيران ۽ لهان
منهنجا چپ چانڊوڪي بڻجي پون
تنهنجي انگ ڪي مان چُهان ۽ چمان
تون ننڊ ڪرين مان چانءَ ڪيان
ائين دل آهي چاهيندي

تون چو چار پهر ويهين مون وٽ
ڪنهن ٻڙ جي مان گهاٽي ڇانءَ ناهيان
مان ناهيان نومبر جي رات منا
مان جون جي نِتهڻ اُس آهيان
نہ مان سوپو نہ ئي سپنو آهيان
مون ڪي ڪيرُ نيڻن ۾ لڪائيندي

ڪيڏو نہ چريو آهين "تبسم"
پاڻيءَ تي ليڪو ناهي نهندو
ڪڏهن مٺ ۾ پلا بند ٿيو چنڊ آ
برسات ۾ ڏيئو ناهي ٻرندو
اصلي نہ مڙي دل هئي ڇري
هاڻي وتي ڳوڙها ڳاڙيندي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner
soorthsindhiadab

موٽائي ڏي تون مون کي
جيڪي خط توکي لکيا ها
مون کان بہ وٺ موٽائي
تو جيڪي موڪليا ها

آهي پتو چرئي کي
ڪيڏو ڏور چنڊ آهي
پوءِ پي اُڏامي اوڏانهن
پوءِ پي تو اُن کي چاهي
مجبور هو تڏهن تہ
ايڏا وَسَ چڪور ڪيا ها
موٽائي ڏي تون......

ساري رات شمع تنهنجي
چوڌاري ڇهچتو هو
پچندا رهيا پتنگا
تنهنجو تہ مشغلو هو
سڙندا رهيا سحر تائين
ڪيڏا عشق جا سچا ها
موٽائي ڏي تون......

دل جو سودو ”تبسم
آهي رضا خوشيءَ جو
مينديءَ جو رنگ هٿن تي
چڙهندو ناهي زوريءَ جو
مان توکي وينو چاهيان
تو يارَ بيا ڪيا ها
موٽائي ڏي تون......


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

پيارُ آهي پاڪُ جذبو پيار جي پوڄا ڪجي
مَنَ جي مندرَ منجهہ منڙي يار جي پوڄا ڪجي

نينهن جي نازڪ سڳي کي سِڪَ منهنجا پيو سور جي
ٽوڙجي هرگز نہ تنهن کي جي ڪنهين سان جوڙجي
سانڍي رکجي ساھ ۾ ان تار جي پوڄا ڪجي

سِڪَ ۾ لِڪ ناهي روا نروار ٿي نينهن لائجي
پائجي جو پيچ ڪنهن سان پائي نہ پڇتائجي
ڇا بہ ٿئي پر ڏُل گهڙي دلدار جي پوڄا ڪجي

دل ٿي چاهي دلرُبا جو در هجي ۽ مان هجان
سر ڪي خم "تبسم" صنم آڏو مان سو ڀيرا ڪيان
صبوح سانجهيءَ حسن جي سرڪار جي پوڄا ڪجي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

چانڊوڪيءَ رات ۾ سو سينگار ڪري
سياٽو ٿيءُ منهنجي سامهون تون ايندو نہ ڪر
متان ڪافرُ ٿيان توکي سجدو ڪيان
تون بي پردي ڪڏهن مون سان ملندو نہ ڪر

چوٽيءَ ۾ چو هنيو تو گُلاب آ
چو چپن تي تو مهٽيو مُساگ آ
توکي ڪهڙي خبر او صفا بي خبر
تہ تنهجي سونهن ۾ آهي ڪيڏو اثر
پاڻ کي ايڏو ناهي ناهيندو نہ ڪر

تنهجي وک وک سان نئون محشر مچي
جتان گذرين اُتان اهو شورُ اُٿي
يا خدا يا خدا ڪربلا ڪربلا
ڪيسُ ايڏو نہ ڪر سوچ ڪر ڏيان ڪر
ترڇي نظرن سان ڪنهن کي تڪيندو نہ ڪر

سونهن بي پردي ۽ بي نقاب آ
چيا ”تبسم“ تہ شرم ۽ حجاب آ
رُڪجي آهن پيا وقت موسم هوا
رات سِري ٿي نٿي وقت چُري ٿي نٿو
بُت اهڙو پي ڪنهين کي بڻائيندو نہ ڪر



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ها تڏهن تي اُداس پيو هوندين
مون لاءِ جڏهن بہ سوچيندو هوندين
اکين مان موتي پک ڪريا هوندءِ
ها جڏهن پور منهنجا پيا هوندءِ

چرڪ تي چرڪُ پريندو هوندين
هر هر دروازي تي بيٺو هوندين
سمجهيو هوندءُ تہ مان ايندو هوندس
تو سوا ڪيئن رهي سگهيو هوندس
منهنجي تصور ۾ تڙپندو هوندين
تون سڄي رات جاڳندو هوندين
ڇا پنهنجا حال روئي ڪيا هوندءِ

چوڏهينءَ جي رات پڌر ۾ ويهي
ياد آيو هوندءِ جڏهن ڪوئي
چوڙي تڏهن وار تو ڇڏيا هوندا
ڪارا ڪپڙا پرين تو ڪيا هوندا
دل کي ڪيڏو بہ روڪيو هوندءُ
پر جڏهن خيال منهنجو پيو هوندءُ
سڏڪا ساري رات سو پريا هوندءِ

هيڪلو ڪيئن گذاريندو هوندين
ڪنهن کي ڏک سک ٻڌائيندو هوندين
ها ضرورت تہ منهنجي پئي هوندءِ
جڏهن برسات مند ڏني هوندءِ
منهنجو فوٽو ڪڍي چميو هوندءِ
دل جڏهن تنگ ڏاڍو ڪيو هوندءِ
ڪولي "تبسم" جا خط پڙهيا هوندءِ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner
soomsindhiadab

جنڊڙي الا جنڊڙي
جنڊڙيءَ جو سنڌڙيءَ سان
لڪڻي جو ليکو
مون کي ڪين روڪيو
مون کي ڪين ٽوڪيو.

جيجل ڏني آ جنهن
لوليءَ ۾ ٻولي
تنهن ٻوليءَ جي لڄ لئه
جهلي آهي جهولي
آهي ڳالهه سولي
سودو سر جو آ ڪو

لاهيو ماس منهنجي
هڏ هڏ تان روڙي
ڪيو رت منهنجي
ٻت مان مروڙي
ته به هڏڪيءَ هڏڪيءَ ۾
هوشوءَ جو هوڪو.

مٽيءَ جو مارن تي
ڪوئي قرض آهي
اهو قرض لاهڻ
جڻ فرض آهي
آهي عرض منهنجو
سمجهي تو ڪو ڪو.



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تون ڳوڙها مون لئہ ڳاڙيندين
ڪيئن دل پنهنجيءَ مان ڏڪاريندين.

چوڏهينءَ جي رات جو چنڊ جڏهن
تنهنجي اڳڻ مٿان جو اڀي بيهندو
تڏهن ياد پوندءِ ڳالهيون منهنجيون
۽ اندر تنهنجو پرجي ايندو
ڪيئن پيار ڀلا پلجي سگهندو
ڪيئن يادن کي تون وساريندين

سڄي رات ستارن سان سپرين
مان سمجهان تو جاڳيو هوندين
روئي روئي ڀنو هوندءِ بستر
ساري رات سڄڻ سڏڪيو هوندين
مون وانگر تڙپيو لڇيو هوندين
ننڊ تون بہ تہ پنهنجي ڦٽائيندين.

چو ويس ڪيا اٿئي ڪارا
پڇندا هوندءِ پاڙي وارا
ماٺهن جي اکيان ڪلندي ڪلندي
روئي پوندو هوندين پيارا
اهي گهاءَ اندر وارا سارا
تون ڪيسيتائين لڪائيندين.

منهنجو نانءُ ٻڌي منهنجا سائين
پڪ چرڪ تي چرڪ پريو هوندءِ
اٿلي پيون هوندءِ اکڙيون مٺا
ڪيڏو پي ضبط ڪيو هوندءِ
تبسم تيئن ياد ايندو هوندءِ
جيڏو دل کي سمجهائيندين


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

چانڊوڪيءَ رات ۾ ويهي
چنڊ جي ڇانوَ ۾ ڪيئي
تو واعدا وفا جا ڪيا هئا
سانڍي رکيا اٿم اهي
پيار ڀريا پرين جيڪي
خط تو مونکي لکيا هئا.

ياد تئي ڪيئي دفعا
مونکي ڇرڪ ڀرائڻ لاءِ
چوريءَ اچي پنيان بيهي
هٿ تو اکين تي رکيا هئا.

گرمين جي رات ۾
چوريءَ چپ چپات ۾
ڪوني جي ڇت تان منهنجي
اڱڻ ۾ خط اڇليا هئا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

توکي جڏهن چتائي ڏسان
ڪنڌ جهڪائين شرم ڪان
آگر سان ڪاڏي مٽي ڪري
نيڻ مان تنهنجا ڇميا هئا.

تنهنجي نہ ملڻ تي مان
روئي پيس پارن جيان
چولي جي تون ڪنڌ سان
ڳوڙها منهنجا اگهيا هئا.

ڪوڙ ۾ مان ڪڏهن ڪڏهن
ڪاوڙجي پوندو هئس جڏهن
سهڻا ۽ نازڪ هٿڙا ڪٽي
”تبسم“ کي تو ٻڌا هئا.



soorhsindhiadab
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

هيءُ سانوڻ جي مند ۾ چٽ جا ڏهاڙا
موتي آءُ مونڊي آيا ڏينهڙا پيارا

هُجان ڪيئن مان هيڪل هُهڙن ڏينهڙن ۾
تپي باھ تيئن تي منهنجي تن بدن ۾
هلي جيئن هاڙو، وڏي تيئن ساڙو
سڙن ساھ ۾ تنهنجي سڪ جا تہ ساڙا

تتل ڏينهن جي تڌَ ڪان توکي بچايان
اکين منجھ آڻي لُڪن کان لڪايان
اندر منجھ اوتي، ڪيان ڇانءُ توتي
هليو آءُ ڪتجن اونهاري جا ڪاڙها

مان سُر تون منهنجي سُر جو سنگيت آهين
”تبسم“ جو منڙو تون کو گيت آهين
اڏورو مان آهيان جي توساڻ ناهيان
سوا تنهنجي سڀ منهنجا سُرَ سازَ ٻاڙا



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# خوشي ۽ خوشبو. (پس لفظ)

زندگي، جذبن ۽ احساسن جو ٻيو نالو آهي. فطري تخليق جي حوالي سان، جذمن انسان ۾ جذبا ۽ احساس پيريل ٿين ٿا تذهن انساني تخليق ۾ به انهن جو هجڻ لازمي آهي. تخليقي ادب (نثر-نظم) ۾ جذبن ۽ احساساتي فڪر جي ميلاپ سان تخليق جُڙي پُري ۽ مقصد ماڻي سگهندي آهي. تشبيهون، تخليقن کي سُونهن ۽ ست بخشين ٿيون پر وري تشبيهن جي بي جا ڀالوٽ سان مقصد ڏڀجي سگهي ٿو ۽ تشبيهن جي اڻ هوند يا کوٽ تخليق کي ٻسو ڪري ٿي. وجود سُونهن سان ۽ سونهن وجود سان واڳيل رهن ٿا ۽ رهڻ گهرجن.

شاعر جي ذات اندرئين ۽ ٻاهرين، ڪرب ۽ اذيتن سان ڀريل رهي ٿي. دنيا جي مختلف ماڻهن جي مختلف روين جا احساس، مظلوم ۽ مجبور ماڻهن جون حالتون ۽ انهن جي محرومين جو غم وغيره. انساني زندگيءَ جا سڀ مسئلا شاعر جا پنهنجا مسئلا ٿي پون ٿا جنهن ڪري سندس دل اذيتن ۽ چاهتن جو جهان ٿي پوي ٿي. هُو وقتي طور تي تصوراتي خوشين هيٺ پاڻ کي اذيتن کان پرڀرو وٺي وڃڻ جي شعوري يا لاشعوري ڪوشش ڪري ٿو پر گهڻو وقت ترسي نٿو سگهي ۽ موٽي پوي ٿو. ٻيوس ماڻهن جا ٽڏڙا ساهه، ڳوڙها ۽ سڏڪا وغيره شاعر کي پنهنجي اندر مان نڪرندي محسوس ٿين ٿا ڇو ته فطري طور تي سندس روح انهن سان ڳنڍيل رهي ٿو. هُو ڪنهن کي خوش ڏسي ٿو ته اها خوشي پنهنجي خوشي لڳيس ٿي ۽ ڪنهن کي ڏکندي ڏسي ٿو ته پاڻ به ڏکي پوي ٿو.

عبدالغفار تبسم به جذبن ۽ محبتن سان جيئندڙ سُونهن ۽ پيار جو شاعر آهي. هن جي دل چاهتن جو سرچشمو آهي. سندس وجود ۾ پيار ئي پيار سمايل آهي. هونئن ته شاعريءَ جي هر صنف تي خوب لکيو اٿس پر مجموعي طور تي غزل جو شاعر آهي ۽ غزل جو شاعر محبتن جو ئي شاعر هوندو آهي. سندس شاعريءَ جي لفظ لفظ مان سونهن ٻکندي آهي ۽ سونهن واري تان گهور ٿيڻ وارا جذبا ان سان ازلي محبت جا نشان هوندا آهن. محبوب جو وجود، عاشق جي وجود لاءِ سبب هوندو آهي. هن جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

(عاشق جي) زندگي پنهنجي لاءِ نہ هوندي آهي. هو جيڪي بہ هوندو آهي محبوب لاءِ ئي هوندو آهي ۽ تبسم جو مسئلو بہ ساڳيو آهي.

هن جي شاعريءَ ۾ لطيف خيال، معصوم ۽ پيارا لفظ ملن ٿا. جن مان سُونهن ۽ سوپيا اٿلندي نظر اچي ٿي. پنهنجي تخليقن لاءِ سمورين تشبيهون گهٽوتٽو پنهنجي ئي ماحول مان ڪٽي ٿو.

منهنجو جو ين ڪرٻ ۽ ڪانا
تنهنجي جواني سونا سنگ
—— يا ——
ڪينجهر ڪان ڪکر اٿيا
يا تو وار پنهنجا ڇوڙيا.

سُونهن، سندس زندگيءَ جو سرمايو آهي. محبوب جي ڇهري لاءِ اجهو هيئن چوي ٿو:

تنهنجي اکين جي تنهنجي پرون جي جوڙئي آهي عجيب
ورنہ اکيون تہ آهن جڳ ۾ سڀ ڪنهن کي سهڻا.

هڪ گيت ۾ چوي ٿو.

چوٽي ڪرين تہ چنڊ ايري
وار ڇوڙين تہ شام ٿي پئي
تون ئي تہ آهين صبح سانجهي منهنجي
سچ ٿو چوان.

يا● —— نَڪَ جي قُلُيءَ جهڙو
ڪٿي آ نصيب منهنجو اهڙو
تنهنجي ڪَنَ جي واليءَ جهڙو
يا مان هجان ها ململ جو چولو
پائين ها پنهنجي بدن تي
يا، مان هُجان ها پازيب تنهنجي
پيو تہ ڇمانءِ ها پيرن کي
يا گل ٿيان ها سڳيءَ جهڙو.
يا مان هجان ها چوڙيون جو
سنگمرمر جهڙيون ٻانهون ڇهان ها



Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

یا● —— ڳهورَ وڃي توتان ماءُ
ڌرتيءَ جي ٽئين اَيَل
اوڪيءَ ويل اَبَلَ !

یا● —— ڌرتي جيجي آ
جيجي ڌرتي آ
پنهي سان منهنجو رشتو
پنهي سان منهنجو ناتو
اصلي ازلي آ

یا● —— ڌرتيءَ جا زنجير، جي
اي پٽ نہ مان توڙي سگهان
تون اُٽي، ها- تون اُٽي
اهو قرض منهنجو لاهجانءِ.

مونکي تہ ائين ڀاسيندو آهي تہ اياز گل، ادل سومرو، ذوالفقار سيال ۽ تبسم جهڙا نئين ٿهيءَ جا شاعر، پيار ئي پيار جا شاعر آهن. هُو جنگ بہ پيار سان ڪرڻ چاهيندا آهن. جڏهن تہ آءٌ انهن جي اندر پيار بہ جنگ سان ڪندو آهيان.

تبسم جي شاعريءَ کي انهيءَ رنگن ۾ جيڪي هُو منجهس پري ٿو، سنڌ جي سدا ملوڪ راڳين محمديوسف، منظور سخيراڻي ۽ ٻين پنهنجي جادوءِ جهڙي آواز ۽ ادا سان سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پهچائي ڇڏيو آهي ۽ تبسم جي خوشي، خوشبو ۽ ڪير جهڙي شاعري سنڌي ماڻهن کي جُهومائي وجهندي آهي.

جيتوڻيڪ سندس شاعريءَ ۾ جهول بہ نظر اچن ٿا پر راڳي پنهنجي فنڪاراڻي صلاحيتن سان اهي جهول اهڙيءَ ريت پري ڇڏي ٿو جو ٻڌندڙن کي انهن جو احساس ئي نہ ٿو ٿئي. فن جي جاءِ تان تبسم جي فڪر ۽ محبتن جي حوالي سان اهڙين ڳالهين کي نظر انداز ڪرڻو ئي پوندو.

سرڪش سنڌي
لاڙڪاڻو

١٤-١٠-١٩٩٠ع



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# سنڌڙي ڪتابي سلسلو رتو ديرو

پاران

## چيپل ڪتاب

- وڪريل موتي. (ڊاڪٽر عطا محمد حامي جا مقالا) ختم ٿيل
- زندگي ڏي موت. (ڪرشن چندر جون ڪهاڻيون) ختم ٿيل
- ڪرٽا ڪرٽا. (مقصود گل جي ٻارن لاءِ شاعري) 5/=
- امن آبحيات. (سرڪش سنڌي جي شاعري) 20/=
- لهر لهر دريا. (استاد بخاري جي شاعري) 30/=
- رت ڀنا رابيل (مقصود گل جي شاعري)
- هڪڙو پيارو ماڻهو (قاضي منظرحيات جو مونوگراف)
- مٽيءَ جا سُرَ (عبدالغفار "تبسم" جي شاعري) 40/=

لکپڙهه لاءِ :

**مختار گهمرو**
سرڪيوليشن مينيجر
**سنڌڙي ڪتابي سلسلو**
"المنظر" - رتوديرو



soorhsindhiadab
Scanned with CamScanner
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جهولي جهولي جهولي
جهولي جهولي جهولي
جهولي سنڌ جي
سنڌي ٻولي

ٽيئن ٽيئن ٽو ٽري
ها ٽيئن ٽو ٽري
هي هانءُ منهنجو
جيئن جيئن سنڌوءُ
ڇڇڪي ڇولي
جهولي سنڌ جي..........

هٿِ هٿِ رائيفل
هر هٿ رائيفل
هر هٿِ جهنڊو
ماٿي ماٿي ماٿي
ڦرڪي گولي
جهولي سنڌ جي.........

سنڌين جي "تبسم"
جڳ اندر
ساري جڳ اندر
ٽاندا ٽاندا ٽي
ٽمڪي ٽولي
منهنجي سنڌ جي........

"تبسم"

soorihsindhiadab



Scanned with CamScanner

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آسانيءَ سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ ايپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book